REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) خميس 16 نومبر 2023ع بمطابق پهرين جماد الاول 1445هـ (قيمت 05 روپيا) شمارو 170

اسان کي پنهنجي لاءِ اقتدار نه، خوشحال پاڪستان گهرجي، ڳالهيون ڪندڙ گهٽا آيا پر ڪجهه نه ڪيو: نواز شريف

(ن) ليگ گوادر، ڪوئٽه، زوب سميت سمورن علائقن جي باري ۾ سوچيو. اسان بلوچستان ۾ روڊن جو ڄار وڇايو ۽ ڊيمز ٺاهيا

ڪچي ڪئنال جي لاءِ اسان 50 ارب روپيه ڏنا. ڪوئٽه کان اسلام آباد ويندڙ رستي جو منصوبو 2018 ۾ مڪمل ٿيڻو هو جيڪو اڃان تائين مڪمل نه ٿي سگهيو آهي

بلوچستان جي شاگردن کي به ملڪ جي بهترين تعليمي ادارن ۾ پڙهڻ جو حق آهي، انهن ۾ ۽ اسان ۾ ڪجهه ته فرق آهي

پنهنجي ٻارن، دوستن ۽ مائٽن کي ٻڌايو ته ڪنهن بلوچستان جي خدمت ڪئي، جڏهن مان پهرين پيرو وزيراعظم بڻجو هئس تڏهن کان گوادر جو نالو وٺي رهيو آهيان

اسان چاهيون ٿا ته عوام کي بجلي جي بلن مان آزاد ڪرايون، اسان اهڙيون اسڪيمون آڻينداسين جنهن سان عوام کي سولر پينل ڏئي سگهون : ڪوئٽه ۾ پارٽي ورڪرز ڪنونشن کي خطاب

ڪوئٽه (م د) مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ نواز شريف چيو آهي ته اسان کي پنهنجي لاءِ اقتدار نه پر خوشحال پاڪستان گهرجي. مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ نواز شريف ڪوئٽه ۾ پارٽي ورڪرز ڪنونشن کي خطاب ڪندي چيو ته بغض حسد، گندي زبان ۽ نفرت معاشري کي خراب ڪيو ڳالهيون ڪندڙ تمام گهڻا آيا پر انهن عملي طور تي ڪجهه به نه ڪيو(ن) ليگ گوادر، ڪوئٽه، زوب سميت سمورن علائقن جي باري ۾ سوچيو. اسان بلوچستان ۾ روڊن جو ڄار وڇايو ۽ ڊيمز ٺاهيا. ڪچي ڪئنال جي لاءِ اسان 50 ارب روپيه ڏنا. ڪوئٽه کان اسلام آباد ويندڙ رستي جو منصوبو 2018 ۾ مڪمل ٿيڻو هو جيڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪوئٽا: مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ نواز شريف پارٽي ورڪرز ڪنونشن کي خطاب ڪندي

ڊالر جي قيمت ۾ واڌ جو رجحان برقرار، رپيو قدر وڃائڻ لڳو

ڪراچي(م د) پاڪستاني رپئي جي پيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جو اڳهه به وڏي ويو. نگران حڪومت جي قدمن باوجود ڊالر جي قيمت ۾ واڌ جو سلسلو گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان جاري آهي ۽ ڪاروباري هفتي جي ٽئين ڏينهن به ڊالر مهانگو ٿيو. انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 27 پئسا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 288 روپين 14 پئسن تي بند ٿيو. جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سيني کي خبر آهي ته ڪنهن ڇا ڪيو پر نالو وٺڻ لاءِ تيار نه آهن: چيف جسٽس

چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ جسٽس امين الدين خان ۽ جسٽس اطهر من الله تي ٻڌل 3 رڪني بينچ فيض آباد ڌرڻي ڪيس ۾ عدالتي فيصلي تي عملدرآمد بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

ايجنسين جي رپورٽ ۾ ڪجهه غلط فهميون هيون، جنهن تي نظرثاني ڪئي وئي (شيخ رشيد جو وڪيل) پاڪستان مذاق ته ناهي، هن ملڪ کي مذاق نه بڻايو رڃي جيڪو دل چئي اهو ڪريو : چيف جسٽس

پوري ملڪ کي نچايو ويو، پوءِ مٿان کان حڪم آيو ته نظرثاني واپس وٺڻ جو چئي ڇڏيو. نظرثاني داخل ڪرڻ تي ٺيڪ آهي پر 4 سالن کانپوءِ واپس وٺڻ عجيب آهي

ججن سميت سمورن ماڻهو قابل آهن. اهڙو تاثر به موجود آهي ته سپريم ڪورٽ کي به ٻاهر کان ڪنٽرول ڪيو پيو وڃي. چيو وڃي ٿو ته فلاڻي ڪيس ۾ فلاڻو فيصلو ايندو

عدالت ۾ ڪير به سچ نٿو ڳالهائي ڪنهن جي چوڻ تي نظرثاني جي درخواست ڪئي وئي هئي، نفرت پکيڙڻ کانپوءِ ماڻهو پاڻ ئي پوئتي هٽي ويندا آهن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ فيض آباد ڌرڻي ڪيس جي ٻڌڻي دوران رمارڪس ڏيندي چيو آهي ته سيني کي خبر آهي ته سڀ ڪجهه ڪير ڪري رهيو آهي پر ڪنهن کي همت ناهي ته انهن جو نالو وٺي. سپريم ڪورٽ ۾ چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ جسٽس امين الدين خان ۽ جسٽس اطهر من الله تي ٻڌل 3 رڪني بينچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ فيض آباد ڌرڻي ڪيس جي ٻڌڻي ڪندي

بلاول نندي پاءُ جيان آهي، روڄ پٽڪي ۽ الزامن لڳائڻ سان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو: شهباز شريف

اسان کي ملي صوبي کي خوشحال بنائڻو آهي ۽ اسان کي ملي معاشي، معاشرتي مسئلن کي حل ڪرڻو آهي

نواز شريف جي دور ۾ روڊن جو ڄار وڇايو ويو جڏهن ته گذريل حڪومت جي چئن سالن دوران تباهي ۽ بربادي ٿي

لشڪري رئيسائي کي مسلم ليگ(ن) ۾ شموليت جي دعوت ڏيڻ آيو آهيان، سندس شموليت سان پارٽي کي طاقت ملندي

ڪوئٽه (م د) مسلم ليگ(ن) جي صدر شهباز شريف چيو آهي ته بلاول پٽوٽندي پاءُ جيان آهي. اسان 16 مهينا گڏجي ڪم ڪيو آهي. اسان کي الزامن جي بجاءِ پختي سياست طرف وڌڻ گهرجي. چو ته پٽڪي ۽ الزامن سان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

واپڊا آفيسرن جي مفت بجلي جي سهولت ختم، وفاقي ڪابينا منظوري ڏئي ڇڏي

نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿيو

گريڊ 17 کان 22 تائين آفيسرن کي مفت بجلي بدران روڪ رقم ڏني ويندي : اجلاس ۾ فيصلو

وفاقي ڪابينا نظرثاني ٿيل حج پاليسي 2024 جي به منظوري ڏني

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿي رهيو آهي

اسلام آباد (م د) وفاقي ڪابينا بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين ۽ واپڊا آفيسرن جي مفت بجلي جي سهولت ختم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سون جي قيمت ۾ مسلسل ٽئين ڏينهن هزارين رپيا واڌ

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ مسلسل ٽئين ڏينهن به اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

چين جو صدر 6 سالن دوران پهرين پيرو آمريڪا جي دوري تي پهچي ويو

ڪيليفورنيا جي گورنر ۽ آمريڪي ناٽي واري وزير ڪيس ڀليڪار چيو

چيني شهرين ايئرپورٽ ڪان هوٽل تائين قطار ٺاهي سندس آجيان ڪئي

واشنگٽن (م د) چين جو صدر 6 سالن دوران پهرين پيرو آمريڪا جي دوري تي پهچي ويو آهي. چين جو صدر شي جن پنگ ايشيا پيسفڪ اڪنامڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

عمران خان جي وڪيل طرفان ناهلي لاءِ داخل ڪيل درخواست تي ٻڌڻي ملتوي

ٻڌڻي پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عبدالشڪور ۽ جسٽس سيد ارشد علي تي ٻڌل 2 رڪني بينچ ڪئي

عمران خان نامزدگي ڪاغذن ۾ اثاثا لڪايا آهن ان ڪري ڪيس نااهل قرار ڏنو وڃي : درخواست جو متن

پشاور (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل جي استدعا تي عمران خان جي نااهلي لاءِ داخل ڪيل درخواست تي ٻڌڻي ملتوي ڪئي وئي آهي. عوامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

تانڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي ۾ ست دهشتگرد مارجي ويا

ڳجهي اطلاع تي دهشتگردن خلاف آپريشن ڪيو ويو : آءِ ايس پي آر

سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي سخت ڏي وٺ ٿي

راولپنڊي (م د) خيبر پختونخواهه جي ضلعي تانڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي ۾ 7 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر موجب 14 ۽ 15 نومبر جي وچين رات ڳجهي اطلاع تي دهشتگردن خلاف آپريشن ڪيو ويو. سيڪيورٽي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پاليسي ڳالهيون مڪمل، پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف جو وياج جي شرح وڌيڪ نه وڌائڻ تي اتفاق

آءِ ايم ايف مشن سان اقتصادي جائزي بابت ٿيندڙ ڳالهيون ڪاميابي جي ويجهو آهن : ذريعا

آءِ ايم ايف مشن ۽ معاشي ٽيم سمورن شعبن ۾ ڳالهيون مڪمل ڪري چڪا آهن

نگران ناٽي واري وزير شمشا اختر آءِ ايم ايف مشن سان پاليسي سطح جون ڳالهيون مڪمل ڪيون

اسلام آباد: آءِ ايم ايف وفد جي ٽيل ڳالهين جو ڏيک

اسلام آباد(م د) پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف پاليسي سطح جي ڳالهين ۾ وياج جي شرح وڌيڪ نه وڌائڻ تي اتفاق ڪري ورتو پاڪستان ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عورتن کي محرم بنا حج تي وڃڻ جي مشروط اجازت

اسلام آباد (م د) اسلامي نظرياتي ڪائونسل عورتن کي محرم بنا حج تي وڃڻ جي مشروط اجازت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

گوجرانوالا ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ، هڪ ئي خاندان جا 5 ڄڻا قتل

موٽر سائيڪل تي سوار نامعلوم ماڻهن پنجن ڄڻن تي فائرنگ ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ايمبولينس کي طلب ڪري لاش کي اسپتال منتقل ڪيو

گوجرانوالا (م د) پنجاب جي شهر گوجرانوالا ۾ نامعلوم جوابدارن پراڻي دشمني تڪرار تان فائرنگ ڪري هڪ ئي خاندان جي 5 ڄڻن کي قتل ڪري ڇڏيو. رپورٽ موجب اهو واقعو گوجرانوالا جي جميل شهيد چوڪ تي پيش آيو. اڪين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

او آءِ سي اسرائيلي جارحيت روڪڻ ۾ ناڪام وئي: حافظ نعيم الرحمان

اسرائيل پاڻي ۽ بجلي بند ڪري اسپتال کي قبرستان ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي ۽ ننڍڙا ٻار ميز تي مرڻ لاءِ رهجي ويا آهن

اسلامي دنيا جي حڪمرانن جو رويو افسوسناڪ آهي پر سڄي دنيا جا باشعور عوام اسرائيلي جارحيت خلاف متحد آهن

سڄي دنيا ظالم ۽ مظلوم ۾ فرق ڪري رهي آهي، حماس ثابت ڪري ڇڏيو ته جنگون رڳو دولت ۽ ٽيڪنالاجي سان نه وڙهي سگهجن ٿيون

ڪراچي: امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته او آءِ سي اسرائيلي جارحيت روڪڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي. ڪراچي پريس ڪلب ۾ ميڊيا پريس کي خطاب ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته غزه ۾ الشفا اسپتال تي اسرائيلي حملو افسوسناڪ آهي. اسرائيل پاڻي ۽ بجلي بند ڪري اسپتال کي قبرستان ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي ۽ ننڍڙا ٻار ميز تي مرڻ لاءِ رهجي ويا آهن هن چيو ته اسلامي دنيا جي حڪمرانن جو رويو افسوسناڪ آهي پر سڄي دنيا جا باشعور عوام اسرائيلي جارحيت خلاف متحد آهن. سڄي دنيا ظالم ۽ مظلوم ۾ فرق ڪري رهي آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪچي جي ڏاڙيلن وٽ جديد هٿيار ناهن، افغانين کي عزت سان موٽائي رهيا آهيون: آءِ جي سنڌ

مٿياري ضلعي ۾ پوليس هيڊ ڪوارٽر،�ي سي هائوس ۽ بين سرڪاري هائوسز جي ضرورت آهي : رفعت مختار

امن امان اسان جي پهرين ترجيح آهي، ڪچي جي ڏاڙيلن وٽ جديد هٿيار ناهن

مٿياري (رپورٽر) آءِ جي سنڌ رفعت مختار چيو آهي ته اسان ڪنهن به افغاني سان زيادتي نه ڪيا ڪيون ۽ ڪين عزت سان واپس موڪلي رهيا آهيون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سپريم ڪورٽ سرڪاري آفيسرن لاءِ (صاحب) لفظ جي استعمال تي پابندي لڳائي ڇڏي

صاحب جو لفظ آزاد قوم جي عڪاسي نٿو ڪري : سپريم ڪورٽ

ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ هڪ ڊي ايس پي لاءِ صاحب جو لفظ استعمال ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ سرڪاري آفيسرن جي لاءِ صاحب جو لفظ استعمال ڪرڻ تي پابندي لڳائيندي چيو آهي ته صاحب جو لفظ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ملڪ مان غير قانوني افغانين جي نيڪالي جو عمل جاري

افغاني طورخم رستي پنهنجي وطن واپس وڃي چڪا

46 هزار 687 عورتون ۽ هڪ لک 55 هزار 79 ٻار شامل آهن

اسلام آباد (م د) ملڪ مان غير قانوني پرڏيهين کي واپس موڪلڻ جو سلسلو جاري آهي. انگن اکرن موجب هيل تائين به لک 11 هزار 969 افغاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: اطلاعات وارو سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستان جي آئين موجب معلومات تائين رسائي هر شهري جو حق آهي: نديم الرحمان ميمڻ

سنڌ حڪومت سنڌ اسيمبلي تان ٽرانسپيرنسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2016ع منظور ڪرائي چڪي آهي

معلومات تائين رسائي جي حق واري قانون سان معاملن ۾ شفافيت ۽ بهتري ايندي : اطلاعات وارو سيڪريٽري

اڳوڻي وائيس چانسلر محمد علي جناح يونيورسٽي ڊاڪٽر محمد علي شيخ، ڊاڪٽر رضا گرديزي ۽ ٻين خطاب ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ چيو آهي ته پاڪستان جي آئين موجب معلومات تائين پهچ هر شهري جو بنيادي حق آهي ۽ ان حوالي سان سنڌ حڪومت سنڌ اسيمبلي تان ٽرانسپيرنسي اينڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ننڍي جام ۾ ڪارروائي، ڪيترن ئي ڪيرجي دڪانن تي ڏنڊ لاڳو

ڪاڏي پيتي جي شين ۾ ملاوٽ برداشت نه ڪئي ويندي: ڊائريڪٽر جنرل آغا فخر حسين

الفلاح ڊيري تي 50 هزار، سومرو ملڪ شاپ تي 20 هزار ۽ عاليشان فوڊز تي 70 هزار رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ فوڊ اٿارٽي حيدرآباد جي ٽيم اسسٽنٽ ڪمشنر احسن مورائي سان گڏجي ننڍي جام ۾ ڪارروائي ڪئي. اها ڪارروائي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي هدايت تي ڪئي وئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

حيدرآباد: عورت قومپرست اڳواڻ مُرڪ جان پيرزادو جو فليٽ مان لاش هٿ

نسيم نگر ۾ عورت قومپرست اڳواڻ مُرڪ جان جو فليٽ مان ڦاهو لڳل لاش هٿ آيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

نياٽي ڇو آپگهات ڪندي، ڏيءَ جي فوتگي واري واقعي جي جاچ ڪرائي وڃي : والد

عورت قومپرست اڳواڻ مُرڪ جان (فائيل فوٽو)

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد جي قاسم آباد نسيم نگر واري علائقي ۾ عورت قومپرست اڳواڻ مُرڪ جان جو فليٽ مان لاش هٿ آيو آهي. رپورٽ موجب نسيم نگر ۾ عورت قومپرست اڳواڻ مُرڪ جان جو فليٽ مان ڦاهو لڳل لاش هٿ آيو آهي. اهڙي اطلاع تي پوليس پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو. ان سلسلي ۾ مرڪ جان جي والد جان محمد قريشي ٻڌايو ته ڏيءَ جي موت بابت رات ديرسان اطلاع مليو. مُرڪ جان جي پيءُ موجب پوليس ٻڌايو آهي ته مرڪ جان مبينا ڦاهو ڪائي آپگهات ڪيو آهي. نياٽي جو آپگهات ڪندي. ڏيءَ جي فوتگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سپريم ڪورٽ جي ڊپٽي رجسٽرار جي ڪرپشن جي الزامن جي تحقيقات شروع

ڪيس جي ٻڌڻي دوران ڊپٽي رجسٽرار جي ڪرپشن جي الزامن جي تحقيقات جي رپورٽ طلب

سپريم ڪورٽ جي ڊپٽي رجسٽرار جي ڪرپشن جي الزامن جي تحقيقات جي رپورٽ طلب ڪئي وئي آهي. ڪيس جي ٻڌڻي دوران رمارڪس ڏيندي چيو آهي ته سيني کي خبر آهي ته سڀ ڪجهه ڪير ڪري رهيو آهي پر ڪنهن کي همت ناهي ته انهن جو نالو وٺي. سپريم ڪورٽ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ايس ڊي ليا ري ۾ سرڪاري ملڪيت تي غير قانوني اڏاوتي ڪم بند ڪري عمارت کي سيل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ ڪراچي جي هدايتن تي ايس ڊي ليا ري ۾ سرڪاري ملڪيت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

انقرا: ترڪ صدر رجب طيب اردگان جسٽس اينڊ ڊيولپمينٽ پارٽي جي اجلاس کي خطاب ڪندي

اسرائيل دهشتگرد رياست آهي، انجام جو وقت اچي پهتو: ترڪ صدر

اسرائيل کي هٿيار، انٽيليجنسي رپورٽ ڏيندڙ به ان ڏوهه ۾ برابر جا شريڪ آهن : طيب اردگان

روز سوين ٻارڙا بمن سان مرن ٿا، يورپي يونين کان آمريڪا تائين سڀ خاموش ڇو آهن

غزا ۾ تقريبن 13 هزار ماڻهو مري چڪا آهن، ڪٿي آهن ملڪن جا سربراهه ۽ وزيراعظم؟

انقرا (م د) ترڪ صدر رجب طيب اردگان چيو آهي ته اسرائيل دهشتگرد رياست آهي، نيتن ياهو جيترا ايترا بم ناهي وٺي انجام جو وقت اچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

غوثپور پرسان ڳڙهي لاڙو واري علائقي ۾ پوليس جي گڏيل ڪارروائي

سورنهن سالن جي رڪشه ڊرائيور عبدالرشيد لاشاري کي مبينه اغوا بعد ڏوهارين کان ڇڏائڻ جي دعوا

ڏوهاري اونڌاهي جو فائدو وٺي ڪچي طرف فرار ٿي ويا آهن : ايس ايچ او غلام سرور گوندل

غوثپور (رپورٽر) غوثپور ايس ايس پي ڪشمور روحل ڪوسو جي هدايتن تي غوثپور ايس ايچ او غوثپور غلام سرور گوندل ۽ ڪرمپور ايس ايچ او امداد علي جاڳيراڻي سندس جي ٽيم جي شهر پرسان ڳڙهي لاڙو واري علائقي ۾ گڏيل ڪارروائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز پاران سينٽرل ضلعي ۾ سينيئر سٽيزن لاءِ بحالي مرڪز جو دورو

پروجيڪٽ جي عمارت ۾ 50 ماڻهن جي گنجائش جي ٽي ماڙ عمارت آهي : ساجد جمال ابڙو

بزرگ شهرين کي تمام ضروري سهولتون فراهم ڪيون ويندين، هن چيو ته عمارت جو تعميراتي ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي

لفٽ لڳائڻ سميت باقي ڪم هڪ مهيني ۾ مڪمل ڪيا ويندا، جنهن کانپوءِ عمارت کاتي جي حوالي ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) صحت، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، سوشل ويلفيئر ۽ رورل ڊولپمينٽ سنڌ جي نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز سينٽرل ضلعي ۾ سينيئر سٽيزن جي بحالي واري مرڪز جو دورو ڪيو. ان موقعي تي سماجي پلاٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

نگران صوبائي وزير يونس ڊاگا جي صدارت هيٺ ڪراچي جي رونيو آفيسرن جو اجلاس منعقد

خدمت جي بهتري ۽ شفافيت جي بنياد تي رونيو آفيسن جي شهرت کي وڌايو: محمد يونس ڊاگا

رونيو آفيسن جي وقار کي خدمتن ۾ بهتري ۽ شفافيت جي بنياد تي لاڳو ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) نگران صوبائي وزير رونيو ۽ صنعت ۽ واپار محمد يونس ڊاگا جي صدارت هيٺ اڄ سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچي ۾ رونيو آفيسرن جو هڪ اهم اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ ڪراچي جي سمورن ضلعن جي سينيئر ميمبر بورڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پاڪستان کي سليڪشن نه پر چونڊون گهرجن: نثار کهڙو

ٽرپارڪر جي جلسي کي سڀ کان وڏي سمجهيو وڃي ٿو، اها سڄي سنڌ جي نه پر 3 ضلعن جي ريلي هئي

پيپلز پارٽي هميشه عوام دوستي جو ثبوت ڏئي اڳتي وڌيو آهي، طاقت جو سرچشمو صرف عوام آهي

اليڪشن ڪميشن کي گذارش آهي ته پولنگ اسٽيشنز کي مضبوط ڪيو وڃي، اسان ڪڏهن به ايئر ڪيو ايئر سان اتحاد نه ڪيو

ڪراچي: پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ پيپلز پارٽي جي صدر نثار کهڙي جو چوڻ آهي ته پاڪستان کي چونڊون نه پر چونڊون گهرجن. پريس ڪانفرنس ڪندي نثار کهڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي ۾ هاڻي جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان واڪ جي حوالي سان اجلاس منعقد

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر سائوٿ ڪراچي ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو جي صدارت هيٺ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

جسٽس رٽائرڊ ارشد نور خان پاران سنڌ گورنمينٽ اسپتال جو دورو

جسٽس رٽائرڊ ارشد نور خان اسپتال جي مختلف شعبن جو دورو ڪيو

ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف بابت چاڻ ۽ دوائن جي دستيابي جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (رپورٽر) جسٽس رٽائرڊ ارشد نور خان پنهنجي ٽيم جي ميمبرن سان گڏ ڪراچي جي علاقي ابراهيم حيدري ۾ پي پي ايچ آءِ جي انتظام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي ۾ روڊ حادثن جي شرح ۾ واڌ، هلندڙ سال 662 خاندان اجڙي ويا

هلندڙ سال جنوري کان 14 نومبر تائين روڊ حادثن ۾ 662 ڄڻا فوت ۽ 10515 ڄڻا زخمي ٿيا

هلندڙ سال جنوري ۾ پيش آيل واقعن ۾ 70 ڄڻا فوت، جڏهن ته 976 ڄڻا زخمي ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ روڊ حادثن جي واقعن جي شرح ۾ تي وٺي ۽ هلندڙ سال مختلف روڊ حادثن ۾ 662 خاندان اجڙي ويا. انگن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي ۾ دڪاندارن منافع خورن ۽ ذخيره اندوزن خلاف ڪريڪ ڊائون

قيمتون ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پرائس ڪنٽرول سرگرميون جاري

ڈي سي ڏکڻ پاران ڪاڏي پيتي جي شين جي سرڪاري اگهه تي وڪرو ڪي يقيني بڻائڻ جي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ ڪراچي ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو جو دڪاندارن، منافع خورن ۽ ذخيره اندوزن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سائفر ڪيس: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ شاهه محمود قريشي جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

جسٽس عامر فاروق شاهه محمود قريشي جي ضمانت واري رد ڪندي ڪيس جيل اماڻڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ شاهه محمود قريشي جي سائفر ڪيس ۾ ضمانت جي درخواست رد ڪري ڇڏي. تفصيل موجب اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. جسٽس عامر فاروق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

کوسکي ڀرسان پرائمري اسڪول جي بلڊنگ نہ هجڻ سبب ٻارن جي تعليم تباهہ

اسڪول جي بلڊنگ نہ هجڻ ڪري سوين معصوم ٻارڙا کلي آسمان هيٺ ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور

بلڊنگ نہ هجڻ ۽ فرنيچر نہ هجڻ ڪري سوين ٻارڙا کلي آسمان هيٺ ويهي تعليم پرائي رهيا آهن : رهواسي

معاملي جو نوٽيس وٺي اسان جي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول جي بلڊنگ پکي منظور ڪرائي ڏني وڃي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) کوسکي ڀرسان ڳوٺ محمد ابراهيم پوٽ جي پرائمري اسڪول جي بلڊنگ نہ هجڻ ڪري سوين معصوم ٻارڙا کلي آسمان هيٺ ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور نوٽيس وٺڻ جو مطالبو خبر موجب کوسکي ويجهو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بدين : اسڪول جي عمارت نہ هجڻ سبب ٻاراس ۾ تعليم پرائي رهيا آهن

سکر جي خانگي هائرسيڪنڊري

حرا پبلڪ اسڪول ۾ اليڪشن

بزم ادب ڪوٺايو ويو

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ جماعت اسلامي جي انتظام هيٺ هلندڙ خانگي هائرسيڪنڊري حرا پبلڪ اسڪول ۾ اليڪشن بزم ادب 2023.24 جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ علم ۽ ادب پينل طلبہ دوست پينل علم دوست پينل سميت چئن پينل جي اميدوارن حصو ورتو اليڪشن ۾ ووٽ ڏيڻ جو ٽائيم صبح 9 وڳي کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهرو فيروز ۾ ميونسپل ڪميٽي جا ملازم سراپا احتجاج، نعريبازي

ملازمن جي ڪم ڇڏ هڙتال سبب رستن تي پاڻي بيهي ويو، رهواسي سخت پريشان

اٺ ڏينهن گذري ويا آهن پر اسان کي هن وقت تائين پگهار ناهي ملي : مظاهرين

نوشهرو فيروز(اسد علي عمراڻي) ڇ 10 ڏينهن بہ نوشهرو فيروز ۾ ميونسپل ڪميٽي جا ملازم سراپا احتجاج عورتن سميت صفائي جو عمل بند ڪري ٽيشنل پريس ڪلب اڳيان بکهڙتالي ڪيمپ تي ويٺل انتظاميا خلاف سخت نعريبازي 300 سؤ ملازم فاڪا ڪشيءَ جي زندگي پيا گذاريون پرڻي سي ۽ ٽي ايم او جي ڪن تي جوءَ بہ نہ ٽي سري ملازم ميونسپل ڪاميٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

راڻيپور ۾ پسندجو پرٽو ڪنڊڙ نوجوان جي عيوضي ۾ گرفتار ٿيل ماموفوت، وارثن پاران ڌرڻو

رسول بخش بروهي جي نوجوان احسان بروهي راڻيپور ريلوي اسٽيشن جي رهواسڻ مسڪان شيخ سان پيار جو پرٽو ڪيو هو

پوليس ۽ شيخ برادري سان ڪجهہ ونگارو ماڻهو گڏجي آيا هئا جن منهجي مڙس کي تشدد ڪري ماريو آهي : وارث

سندس جسم ۽ نازڪ عضوي تي تشدد ٿيل آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي

راڻيپور(رپورٽر)راڻيپور ۾ 15 ڏينهن اڳ نوشهرو فيروز جي عدالت ۾ پسندجو پرٽو ڪنڊڙ نوجوان جي عيوضي ۾ گرفتار ٿيل جويدار جو مامو شاهہ مراد بروهي گسس اسپتال فوت ڇوڪري جي وارثن ۽ پوليس تي قتل جي الزام فوٽي جي وارثن پاران راڻيپور قومي شاهراهہ بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيون ويو ، شيخ برادري جي ماڻهن ۽ پوليس تي قتل جي ايف آئ آر داخل ڪرڻ جو مطالبو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

راڻيپور : فوتي جا وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين : داستان ڪمپني جو ضلعي ۾ ٽمائر جو 2 نمبر ٻج وڪرو زميندارن جا مٿي تي هٿ اچي ويا

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين : داستان ڪمپني جو ضلعي ۾ ٽمائر جو 2 نمبر ٻج وڪرو زميندارن جا مٿي تي هٿ اچي ويا ڪروڙين روپين جو نقصان خبر موجب ايگريڪلچر ڪاٽي جي آفيسرن جي ملي ڀڳت سبب بدين ضلعي ۾ 2 نمبر يوريا پاڻ بعد ٽمائر ٻج جو وڪرو بہ وڏي مقدار ۾ فروخت ٿيڻ لڳو داستان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهرو فيروز ضلعي مان امن جو پکي اڏامي ويو، قرون، ڏاڙ، چوريون روز جو معمول بڻيل

ضلعو ڏوهارن ۽ منشيات فروشن حوالي، پوليس منتليون وٺڻ ۾ مصروف، ايس ايس پي عابد بلوچ رشوت وٺڻ جا پويان رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا

هر ٽاٽي جي ايس ايچ او تي منتليون مقرر،عوام روزانو روز ڦرجڻ ۽ لٽجڻ لڳو،ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو، رهواسي پريشان

ڪرپٽ ۽ رشوت خور ايس ايس پي عابد بلوچ کي فوري طور تي هٽائي ضلعي ۾ ايماندار ايس ايس پي مقرر ڪري واهر ڪئي وڃي : رهواسي

نوشهرو فيروز(ڊ ر) نوشهرو فيروز ضلعي مان امن جو پکي اڏامي ويو، قرون، ڏاڙ، چوريون روز جو معمول بڻيل، ضلعو ڏوهارن ۽ منشيات فروشن حوالي، پوليس منتليون وٺڻ ۾ مصروف، ايس ايس پي عابد بلوچ رشوت وٺڻ جا پويان رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا، هر ٽاٽي جي ايس ايچ او تي منتليون مقرر، عوام روزانو روز ڦرجڻ ۽ لٽجڻ لڳو، ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو، رهواسي پريشان سنڌ آءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪرانو پرسان ڦرٽيل موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم هڪ لک روپيا واپس نہ ٿيڻ خلاف مظاهرو، نعريبازي

ڳوٺ يعقوب راجڙ ۾ راجڙ برادري جي ماڻهن ڦرٽيل موٽرسائيڪل ۽ هڪ لک روپيا رقم واپس نہ ٿيڻ تي احتجاج ڪيو ويو

نامعلوم ڦورواسان جي نوجوانن کان موٽرسائيڪل هڪ لک روپيا روڪ رقم سميت موبائيل فون ڦرڪري فرار ٿي ويا هئا : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي ڦرٽيل موٽرسائيڪل هڪ لک روپيا رقم سميت موبائيل فون ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي انصاف ڏنو وڃي

ڪرانو(ڊ ر) ڪرانو پرسان راجڙ برادري جو ڦرٽيل موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم هڪ لک روپيا واپس نہ ٿيڻ تي سنگرار پوليس خلاف احتجاج هنترا ڳ موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم ڦرٽي وئي هئي پر سنگرار پوليس آسرا ڏئي ٽالي ٽان واپس ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪرانو : ڦرٽيل موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان واپس نہ ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

حيدرآباد ۾ مبينا قاهو ڪاڻي آپگهات ڪنڊڙ

جسقم ناري تحريڪ جي اڳوڻي چيف آرگنائيزر

مرڪ جان پيرڏاڏو جو مڙهہ مانجهند پهچايو ويو

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي)حيدرآباد جي قاسم آباد واري علاقي ۾ مبينا قاهو ڪاڻي آپگهات ڪنڊڙ جسقم ناري تحريڪ جي اڳوڻي چيف آرگنائيزر مرڪ جان پيرڏاڏو جو مڙهہ مانجهند پهچايو ويو جتي ماحول سوڳوار ٿي ويو وڏي تعداد ۾ سياسي سماجي ڪارڪن سندس گهر پهچي ويا مرڪ جان جي والد جان محمد قتل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

آئي يو سي اين ۽ ٽرفائونڊيشن ٽرپارڪر ۾ ٻوٽن ۽ جاندارن جي وسيع اپياس جي پڌرائي ڪري ڇڏي

مائننگ ڪمپني ٽرپارڪر جي علاقي ۾ ٻوٽن، جاندارن ۽ جهنگلي جيوت جي تفصيلي اپياس لاءِ اهم سهڪار ڪيو آهي : اڳواڻ

تخفيف ۽ تحفظ جي مختلف حڪمت عملين پتانڊڙ اپياس ۾ جتادار اپائن جو هڪ سلسلو تجويز ڪيو ويو آهي

مختلف ٻوٽن جا قدرتي افزائشي هنڌ (سيڊ بينڪس) ناهڻ سان گڏوگڏ مقامي آبادين جي بنياد تي اهڙا جتادار طريقا پڻ اختيار ڪيا ويندا

ٽرپارڪر(رپورٽ صادق بجير) فطرت جي بچاءَ لاءِ ڪم ڪندڙ عالمي اداري آئي يو سي اين ۽ ٽر فائونڊيشن ٽرپارڪر ۾ ڪيل ٻوٽن ۽ جاندارن جي وسيع اپياس جي پڌرائي ڪري ڇڏي. رپورٽ ٽرپارڪر جي علاقي ۾ موجود ٻوٽن ۽ جاندارن جو جامع تجزيو ۽ اپياس ڪري ٿي. فطرت جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙ عالمي اداري آئي يو سي اين ۽ سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني ٽرپارڪر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نہ ٿي سگهيا، احتجاج جاري

شهزاد تاباڻي، سيد احقر شاهہ، سليم سهتو، نصر الله وسيم، جلال الدين پيو، عمر سومرو سحرش ڪوڪر، شوڪت راهي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

3 مهينا پورا ٿيڻ باوجود پوليس پاران قاتل گرفتار نہ ڪرڻ پوليس ڪارڪردگي تي سوالياڻو نشان آهي : مظاهرين جون دانهون

يونين آف جرنلسٽس پاران 20 نومبر تي ڪراچي سي ايم هائوس ٻاهران احتجاجي ڌرڻي جون تياريون مڪمل ڪيون آهن

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل 94 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس گرفتار نہ ڪري سگهي صحافين جو احتجاج جاري، اصل قاتل گرفتار ڪرڻ جي گهر، سکر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار نہ ڪرڻ خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان ايس يو جٽي صدر امداد برزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

پريالوءِ واسي متاثر نواز ڪلهوڙو پاران بااثرن خلاف احتجاج، انصاف جي گهر

پريالو(پورٽر) پريالوءِ واسي متاثر نواز ڪلهوڙو پاران پنهنجي ٽي برادريءَ جي بااثرن جي زيارتين خلاف پريس ڪلب پريالو ۾ پهچي احتجاج ڪيو هن چيو تہ 2017 کان وٺي بااثرن مون کي مختلف ڪرڻن ڪيسن ۾ قاسائيندا رهن ٿا هن چيو تہ مسئلي جو چڱن مڙسن قرآن شريف تي فيصلو ڪيو هو پر بااثر منهنجي مائٽن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

حيدرآباد : گهريلو ورڪرز بابت قانونسازي جوڙڻ لاءِ مشاورتي ورڪشاپ

سنڌ حڪومت کي گهرجي تہ گهريلو ورڪرز بابت قانونسازي 2023 ۾ قانون پاس ڪيو وڃي : اڳواڻ

گهريلو ورڪرز جي حقن بابت شعور نہ هجڻ سبب ورڪرز جو استحصال ڪيو پيو وڃي

گهريلو ورڪرز ۾ عورتن ۽ ٻارن جو انگ سڀ کان وڌيڪ آهي ان ڪري عورتن ۽ ٻارن جي صحت لاءِ پڻ قدم کنيا وڃن

حيدرآباد (پريس رليز) گهريلو ورڪرز بابت قانونسازي جوڙڻ لاءِ مشاورتي ورڪشاپ اڄ هڪ مقامي هوٽل ۾ سنڌ حڪومت جي ليبر ڪاتي انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن جي سهڪار سان منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ گهريلو صنعت سان لاڳاپيل فردن، مزدور تنظيمن جي نمائندن، سرڪاري عملدارن ، سول سوسائٽي ۽ قانوني ماهرن شرڪت ڪئي ۽ گهريلو ورڪرز ڪي باوقار روزگار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سجاول ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سوشل ڊجيٽل ميڊيا ورڪرز پروگرام

پارٽي جي نوجوان قيادت بلاول ڀٽو زرداري جو پيغام ڪئي سجاول ۾ پهتا آهيون : نذير احمد ڀٽو

نوجوان پ پ ميڊيا سيل جي ٽويٽر، فيسبوڪ ۽ واٽس اپ کي فالوو ۽ جوائن ڪن

سجاول(رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي سوشل ڊجيٽل ميڊيا ورڪرز پروگرام پيپلز پارٽي آفيس سجاول ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سوشل ڊجيٽل ميڊيا سنڌ جي ڪنوينر نذير احمد ڀٽو پهچي پارٽي سوشل ميڊيا جي ايڪٽيويسٽ نوجوانن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

دادو ۾ جنرل اليڪشن جي انتظامن جي جائزي وٺڻ لاءِ اجلاس

پائليٽ هاءِ اسڪول ۾ قائم ٽينڊرپولنگ اسٽيشن جو دورو ڪري سهولتن جو جائزو ورتو

صوبائي اليڪشن ڪمشنر ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر جي آفيس جو پڻ دورو ڪيو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) صوبائي اليڪشن ڪمشنر اعجاز انور چوهان جنرل اليڪشن جي انتظامن جي جائزي وٺڻ جي سلسلي اڄ هڪ ڏينهن جي دوري تي دادو پهتو ۽ لاڳاپيل آفيسرن سان گڏجاڻي ڪري ايندڙ جنرل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو : اجلاس دوران اڳواڻ ڳالهائي رهيا آهن

ڊائريڪٽر ايجوڪيشن آفيس جي سکر احاطي اندر ڊرپ جهي ويا

پارڪ وارو حصو ڪچي وانگر ٻيلو بڻجي ويو، اختياريون خاموش بڻيل

پارڪ لاءِ ۾ مخصوص ٿيل لڪين ريپيا ڪرپشن جي ور چڙهي ويا

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) ڊائريڪٽر ايجوڪيشن آفيس جي سکر احاطي اندر ڊرپ جهي ويا پارڪ وارو حصو ڪچي وانگر ٻيلو بڻجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سٽ ميل ڀرسان سيئار ۽ مري برادري زميني تڪرار زور وٺي ويو

ڌرين پاران هڪ ٻئي مٿان فائرنگ جو سلسلو رڪجي نہ سگهيو، هڪ زخمي

هڪ ڌر پاران ٻئي ڌر جا 6 ڄڻا هٿيارن سميت يرغمال، ڌريون يرغمال

سٽ ميل (رپورٽر) سٽ ميل ٽائي جي حد ديہ 12 الف نصرت ۾ سيئار ۽ مري برادري جي وچ ۾ زميني تڪرار زور وٺي ويو هڪ ٻئي مٿان فائرنگ جو سلسلو رڪجي نہ سگهيو هڪ ٻئي جي گهرن مٿان حملو هڪ جڻو زخمي ڳوٺاڻن جو گهيرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس ظلم خلاف بک هڙتال

علاقي جي بااثر وڏيري اختر پٽي ظلم جا پهاڙ ڪيرائي ڇڏيا آهن : پٽي برادري

پوليس حملي آور جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بدران سندن وڪالت پئي ڪري

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس ظلم خلاف پٽي برادري جي خاندان جي علامتي بک هڙتال 20 ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

مانجهند : پٽي برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

ساماروءِ ۾ يارسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم ڪانفرنس

قرآن پاڪ ۾ الله پاڪ ولين سان محبت ڪرڻ جو درس ڏنو آهي : اڳواڻ

پنهنجي والدين کي نہ ستايو، انهن جي خدمت ڪريو سڄ ڳالهائڻ جي عادت ڏاريو

ساماروءِ (رپورٽر) ساماروءِ عيد گاهہ ۾ يارسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم ڪانفرنس ۽ عرس مبارڪ پير آغا محمد ابراهيم جان سرهندي جي حوالي سان عظيم الشان جلسو عوام جي وڏي انگ ۾ شرڪت، عيدگاهہ ساماروءِ ۾ پير آغا محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

شڪارپور ۾ مفت ايم آر آءِ جي سهولت جو افتتاح

مفت ايم آر آءِ جي سهولت مان مريضن کي تمام گهڻو فائدو حاصل ٿيندو : اڳواڻ

ايم آر آءِ ٽيسٽ تي هزارين روپيا خرچ ڪندڙ غريب ۽ مسڪين لاءِ هي هڪ بهترين تحفو آهي

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ مفت ايم آر آءِ جي سهولت جو افتتاح ڪيو ويو، خبر موجب ڊاڪٽر زينت عيسائي انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس شڪارپور ۾ مفت ايم آر آءِ جي سهولت جي شروعات ڪئي وئي، ان موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

شڪارپور : ايم آر آءِ مشين جو معائنو ڪيو پيو وڃي

ٺٽي شهر جي امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي : الطاف شاهہ شيرازي

شهري راڀاري دڪاندار ۽ شاگرد غير محفوظ آهن سياست ڪرڻ بدران عوامي مسئلا حل ڪيا وڃن

انساني حقن بابت ڪم ڪندڙ ادارن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

ٺٽو(رپورٽر) ٺٽي شهر جي امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي شهري واپاري دڪاندار ۽ شاگرد غير محفوظ آهن سياست ڪرڻ بدران عوامي مسئلا حل ڪيا وڃن سيد الطاف شاهہ شيرازي خبر موجب ٺٽي ضلع جي ناموري سماجي شخصيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٿري ميرواهہ جي رهواسي پيرسن پورهيت پاران احتجاج

بااثرن منهنجو خاندان سميت جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي : غلام قادر سومرو

واقعي جو نوٽيس وٺي مونکي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

خيرپور(رپورٽر) ٿري ميرواهہ جي رهواسي پيرسن پورهيت غلام قادر سومرو صحافيين آڏو دانهنبندي چيو تہ علاقي جي بااثر جوابدارن مريد علي جاتوري، بابر علي، ذاڪر علي جاتوري ۽ ٻين منهنجو خاندان سميت جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

بدين ۾ مبينا فوت ٿي ويل پارس شاهہ جي سهري ۽ سس پاران احتجاج

منهنجي نياڻي ڪان سندس معصوم ڄڻن سالن جي پارڙي ڪشف فاطم بہ ڪسي وئي آهي : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي بيگناهہ گرفتار ٿيل سندن پٽ ۽ هڪ رشتيدار کي آزاد ڪيو وڃي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) هڪ سال اڳ حيدرآباد ۾ مبينا فوت ٿي ويل پارس شاهہ جي سهري ۽ سس پاران اڀوان صحافت اڳيان علامتي بک هڙتال ڪئي وئي منهنجي نياڻي جو پنهنجي ٽي گهر اندر طبي موت ٿيو قتل جي ڪوڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بدين : مبينہ فوت ٿي ويل عورت جا وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ۾ پريا ڪماري رهائي ڪاميٽي پاران احتجاج جاري، سخت نعريبازي

جي آءِ ٽي ٽيم جوڙي وڃي ۽ اها ٽيم اغواڪارن سان گڏ ايس ايس پي سکر جي بہ انڪوائري ڪري : اڳواڻ

مک جوابدار شڪارپور جا بااثر آهن، سعيد، منظور مگريو، جنيد مگريو ۽ ڊي ايس پي خالد مگريو بہ ملوث آهي

اسان جو نوٽيس وٺي مغوين جي والدين کي پنهنجا پيارا بازياب ڪرائي ڏنا وڃن ٻئي صورت ۾ احتجاج وڌايو ويندو

سکر(رپورٽ:امداد علي گل ڪلوڙ) پريا ڪماري رهائي ڪاميٽي پاران پريا ڪماري' علي اصغر منگريو سميت اغوا ٿيل سميت مغوين جي بازياب لاءِ سکر پريس ڪلب جي اڳيان 43 ڏينهن بہ احتجاجي تحريڪ جاري ۽ ساري رکي وئي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر : پريا ڪماري سميت ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سجاول : آپڪا پاپوليشن ونگ ملازم اتحاد

سنڌ جي عهديدارن ڊسٽرڪٽ پاپوليشن

آفيس پهچي ملازمن جا مسئلا حل ڪيا

سجاول (ڊ ر) آپڪا پاپوليشن ونگ ملازم اتحاد سنڌ جي عهديدارن ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيس سجاول پهچي ملازمن جا مسئلا حل ڪيا. تفصيل موجب: آپڪا پاپوليشن ونگ ملازم اتحاد سنڌ جي عهديدارن آپڪا صوبائي چيئرمين لالا محمد پناه پٺاڻ، آپڪا صوبائي صدر علي گوهر رند، آپڪا صوبائي جنرل سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

پني عاقل ۾ ٻوڙ سبب تباهہ ٿيل گهرن وارو منصوبو رولڙي جو شڪار

ٻوڙ متاثرن کي قسط جاري نہ ٿي متاثر سخت سيءُ ۾ ڪليل آسمان هيٺ ويٺل

تعلقي پني عاقل ۾ ٻوڙ سبب هزارين خاندان گهر ڊهي وڃڻ سبب بي گهر ٿي ويا

ڪراڻو(ن سنڌيار) پني عاقل ۾ ٻوڙ سبب تباهہ ٿيل گهرن وارو منصوبو رولڙي جو شڪار 2700 گهرن مان رڳو هيڪڙو ٻيڪڙو متاثرن کي پهرين قسط جاري ٿي سگهي وڏي آبادي واري شهر ڪراڻو ۾ ٻوڙ متاثرن کي قسط جاري نہ ٿي متاثر سخت سيءُ ۾ ڪليل آسمان هيٺ ويٺل ٻوڙ متاثرن پاران نگران سرڪار کان فوري طور تي گهرن جون قسطون جاري ڪرڻ جو مطالبو خبر موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڊپٽي ڪمشنر نوشهرو فيروز پاران ريسڪيو 1122 ايمبولينس سينٽر جو افتتاح

اسسٽنٽ ڪمشنر رضا محمد شر، ايم ايس عبدالحميد انصاري ۽ ريسڪيو سينٽر انچارج موجود هئا

ريسڪيو 1122 جي ايمبولينس جي فراهمي سان صحت جي شعبي ۾ بهتري ايندي : ڊي سي

ايمبولينس ۾ طبي عملي ۽ ٻيون طبي سهولتون موجود هئڻ سبب مريضن کي صحت جي بهتر سهولت ملندي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم اڄ تعلقي اسپتال ڪنڊيارو ۾ سنڌ حڪومت جي انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي هيلٿ سروسز پروگرام تحت قائم ڪيل ريسڪيو 1122 ايمبولينس سينٽر جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنڊيارو رضا محمد شر، ايم ايس عبدالحميد انصاري ۽ ريسڪيو 1122 سينٽر انچارج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

احمدپور پرسان ٻ پ اڳواڻ ۽ يوسي مهيسر وڏا جي وائيس چيئرمين جو چاچو

مهيسر وڏا جي وائيس چيئرمين جو چاچو اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب هن وفات ڪري ويو

نوشهروفيروز : آجياڻي واري تقريب جو ڏيک

احمدپور(رپورٽر)احمدپور ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ منشيات تي ضابطو نہ آيو، صدرجي پٽيون ۾ نشو وابرائڻ سبب ٽينگر فوت، گهر ۾ قهرام، فوٽين جو انگ 2 ٿي ويو، پوليس خاموش بڻيل، احمدپور ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ منشيات تي ضابطو نہ آيو صدرجي پٽيون جي شيخ ٻاڙي جو رهواسي 15 ورهين جو ٽينگر آفتاب ٻٽ مومن شيخ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

بدين ۾ 27 نومبر کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس منعقد

گڏجاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهيرالدين ميمڻ، اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر منظور ميمڻ ۽ ٻين جي شرڪت

مائڪرو پلان جي تياري وقت سمورن لاڳاپيل ڪاتن جي آفيسرن سان صلاح مشورا ڪيا وڃن : ڊپٽي ڪمشنر

پوليو مهم جي نگراني ڪرڻ لاءِ سمورا اسسٽنٽ ڪمشنر، ڊي ايچ او ۽ هو پاڻ بہ پنهنجي ٽيم سان گڏ فيلڊ ۾ موجود رهندو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) 27 نومبر کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو جي زير صدارت دربار هال ۾ اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي هن صحت ڪاتي جي عملدارن کي هدايتون ڏيندي چيو تہ مائڪرو پلان جي تياري وقت سمورن لاڳاپيل ڪاتن جي آفيسرن سان صلاح مشورا ڪيا وڃن جو تہ ڪامياب پوليو مهم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهرو فيروز ۾ ڊاڪٽر بدرالدين ابڙو جي ڊي ايم ايس ٿيڻ تي خوشيءَ ۾ آجياڻو

ڊاڪٽر بدرالدين ابڙو DMS ٿيڻ تي اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي اسان سوچيو تہ بهترين پوسٽ ملي آهي : اڳواڻ

جس لهڻن آل سنڌ پيپلز پيراميڊيڪل اسٽاف وارا جيڪي ڊاڪٽرن کي عزت ڏين ٿا : خادم حسين مگريو

انشاءالله گڏجي اسپتال ۾ بهترين سٺارو آڻيندا سين، ڊاڪٽر بدرالدين ابڙو وڏ ۾ وڏ سول اسپتال جي پلي لاءِ ڪم ڪندو

نوشهرو فيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) آل سنڌ پيپلز پيرا ميڊيڪل اسٽاف سول اسپتال نوشهرو فيروز جي صدر خير محمد سهتو پاران ڊاڪٽر بدرالدين ابڙو کي DMS سول اسپتال مقرر ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ آجياڻو ڏنو ويو ان پروگرام جي صدارت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

احمدپور پرسان ٻ پ اڳواڻ ۽ يوسي مهيسر وڏا جي وائيس چيئرمين جو چاچو

مهيسر وڏا جي وائيس چيئرمين جو چاچو اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب

چاچو لاڏاڻو ڪري ويو

نوشهروفيروز : آجياڻي واري تقريب جو ڏيک

احمدپور (رپورٽر) احمدپور پرسان ٻ پ اڳواڻ ۽ يوسي مهيسر وڏا جي وائيس چيئرمين جو چاچو اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب هن وفات ڪري ويو، رپورٽ موجب احمدپور لڳ گوٺ بلوچ آباد ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ۽ يوسي مهيسر وڏا جي وائيس چيئرمين رئيس تراب خان شر جو چاچو آرباب علي شر اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب وفات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٺٽي ۾ ايندڙ پوليو کان بچاءُ واري مهم جي انتظامن بابت اجلاس منعقد

پوليو مهم دوران سمورا وسيلا ڪتب آڻيندي پنجن سالن تائين عمر جي هر ٻار کي ڦڙا پيارين : ڊپٽي ڪمشنر

پوليو ٽيمن جي 100 سيڪڙو نگراني ۽ برادرين سان رابطي کي يقيني بڻايو وڃي

پوليو مهم ۾ يوسي سيڪريٽريز ۽ مقامي اين جي اوز جي نمائندن کي پڻ شامل ڪيو وڃي

ٺٽو(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو اسد علي خان جي صدارت هيٺ ايندڙ پوليو کان بچاءَ واري مهم جي انتظامن بابت دربار هال مڪلي ۾ گڏجاڻي منعقد ٿي. ان موقعي تي هُن صحت ڪاتي سميت ٻين سمورن لاڳاپيل آفيسرن ۽ اين جي اوز جي نمائندن تي زور پريو تہ هو 27 نومبر کان 3 دسمبر 2023 تائين شروع ٿيندڙ پوليو مهم دوران سمورا وسيلا ڪتب آڻيندي پنجن سالن تائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪراچي : صفورا ٽائون يوسي 2 ۾ ڦٽپاٽن کي سرسبز بڻائڻ لاءِ صفائي جو ڪم شروع

جديد مشينري جي مدد سان ڦٽپاٽن تان گند ڪچرو هٽائي زمين جي ليول ڪئي پئي وڃي : اڳواڻ

اسان ماحول کي صاف ستڪرو رکڻ لاءِ ڦٽپاٽن تان گندگي هٽائي گرين بيلٽ لڳائي رهيا آهيون

اسان جي ڪوشش آهي تہ بنا ڪنهن فرق جي جي عوامي جا بلدياتي مسئلا حل ڪيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي صفورا ٽائون يوسي 2 جماعت اسلامي جي چونڊيل نمائندن طرف روڊن سان قائم ڦٽپاٽن کي سرسبز بڻائڻ لاءِ صفائي جو ڪم شروع ڪرايو ويو آهي ان سلسلي ۾ جماعت اسلامي يرنين ڪائونسل 2 صفورا ٽائون جي چيئرمين جمشيد علي ملڪ ۽ وائيس چيئرمين سڪندر علي بلوچ طرفان گلزار هجري فاريہ چوڪ يونيورسٽي روڊ ۽ ٽيچرز سوسائٽي سجل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سٽ ميل پرسان سيئار ۽ مري برادري زميني تڪرار زور وٺي ويو

ڪراچي : فوٽ پاٽن کي سرسبز بڻائڻ واري ڪم جي اڳواڻ نگراني ڪري رهيو آهي

سٽ ميل(رپورٽر) سٽ ميل ٽائي جي حد ديہ 12 الف نصرت ۾ سيئار ۽ مري برادري جي وچ ۾ زميني تڪرار زور وٺي ويو هڪ ٻئي مٿان فائرنگ جو سلسلو رڪجي نہ سگهيو هڪ ٻئي جي گهرن مٿان حملو هڪ جڻو زخمي ڳوٺاڻن جو گهيرو هڪ ڌر پاران ٻئي ڌر جا 6 ڄڻا هٿيارن سميت يرغمال ٿي ويا. ڌريون موڪلجنديون. ڊي ايس پي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

چوهڙجمالي۔ سجاول جو زير تعمير روڊ ٽن سالن ۾ بہ مڪمل نہ ٿيڻ تي رهواسي پريشان

ميڊيا توري آفيشل ميڊيا جي خبرن باوجود بہ ڪو نوٽيس نہ ورتو ويو، تڪ جا چونڊيل نمائندا بہ غائب

روڊ ت

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR

www.dailysindhyar.com

خميس 16 نومبر 2023ع

ملڪ جو اهم آئيني ادارو ۽ جبر جو جهان

هڪ رعيتي راڄ ۾ آئيني ادارا فورم هونداآئي ان لاءِ آهن ته جيئن اهم معاملا گڏيل راءِ سان حل ٿي سگهن. انهن تي اتفاق ٿي سگهي. گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) به هڪ اهم آئيني فورم آهي، جنهن ۾ وفاق ۽ صوبائي نمائندگي هوندي آهي. پر ان فورم تي به جبر ۽ دٻاءُ سان فيصلا ڪرائڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. اهو به انتهائي اهم معاملي آدم ڳڻپ جي حوالي سان دٻاءُ وجهي تڪراري ڊجيٽل آدم ڳڻپ جي نتيجن جي منظوري ورتي وئي آهي. آدم ڳڻپ جي نتيجن بابت بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف داخل ڪيل درخواست جي ٻڌڻي دوران سينيئر وڪيل ڪامران مرتضيٰ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ انڪشاف ڪيو آهي ته 2023ع جي آدم ڳڻپ جي نتيجن جي منظوري لاءِ بلوچستان جي تڏهوڪي وڏي وزير عبدالقدوس بزنجي کي "مجبور" ڪيو ويو هو. بلوچستان جي آبادي آخري مرحلي ۾ 2 ڪروڙ 17 لک جي لڳ ڀڳ ڳڻي وئي هئي، پر آدم ڳڻپ ڪندڙ شماريات واري وفاقي اداري ان آبادي جي انگن اکرن ۾ 70 لک جي ڪمي ڪري چڏي ۽ تڏهوڪي وڏي وزير عبدالقدوس بزنجي کان جبري منظوري ورتي وئي. وڪيل موجب: آبادي گهٽ نه ڏيکاري وڃي ها ته بلوچستان کي قومي اسيمبليءَ جون 10 سيٽون وڌيڪ ملن ها.

نالي ۾ ته اسان وٽ پارلياماني جمهوري نظام آهي پر ان نظام موجب هن ملڪ جو وهنوار نٿو هلايو وڃي. اسان وٽ اهم آئيني ادارا به آئين مطابق هلائڻ بدران مرضيءَ موجب هلايا وڃن ٿا. ان انداز سان ملڪ کي هلائڻ جي تاريخ جي عمر به هن ملڪ جي عمر جيتري آهي. آمريتي دورن ۾ ته ملڪ مطلق العنان حڪمرانن اهڙي نمونيءَ سان هلايو جو ان ۾ عوام جي مرضيءَ کي ڪو دخل ڪونه هو پر جيڪي چونڊيل حڪومتن جا دور آيا ۽ ان ۾ به عوام جي مرضيءَ کي گهٽ دخل رهيو. ان طرز حڪمرانيءَ سان ملڪ کي وڏو نقصان پهتو آهي. هن ملڪ جي قائم ٿيڻ جي 24 سالن ۾ ملڪ به ياڳا ٿي ويو پر حيرت اها آهي ته اجان تائين هن ملڪ جي اصل واڳ ڏٽين تاريخ مان سکڻ جي ڪوشش ٿي ناهي ڪئي. هن پيري به قومي اسيمبليءَ جو مدو پورو ٿيڻ تي جيڪڏهن اها ٽوڙي وڃي ها ته 60 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻ لازمي آئيني گهرج هئي پر ان کان بچڻ جي لاءِ چند ڏينهن اڳ اسيمبلي ٽوڙي وئي ۽ آئيني طور تي اهڙي صورتحال ۾ 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻيون هيون پر جيئن ته هن ملڪ جي ڏر ڏٽين جي نيت جي ڦوٽي ۾ ڦير هو، انهن ان دوران آدمشماري جي نتيجن جي گڏيل مفادن واري ڪائونسل مان منظوري ورتي ۽ منظوري ڪيئن ورتي، ان جو اندازو سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ وڪيل ڪامران مرتضيٰ جي انڪشاف مان لڳائي سگهجي ٿو. گڏيل مفادن واري ڪائونسل مان آدمشماريءَ جي منظوري ڪانپوءِ اهو ضروري هو ته اليڪشن ڪان اڳ ۾ تڪبنديون ڪرايون وڃن. اليڪشن ڪميشن ان ڪانپوءِ تڪبندين ۾ جنبي رئي. هاڻي 8 فيبروري 2024ع تي عام چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. جتي چونڊون 60 ڏينهن ۾ ٿيڻيون هيون، اتي ديرواريون اٽڪلون استعمال ڪري انهن کي 6 مهينا پوئتي هٽايو ويو. جيتري قدر گڏيل مفادن واري ڪائونسل جو تعلق آهي ته ان جي آئيني حيثيت جي حوالي سان پڻ سوال اٿندا رهيا آهن. چو ته جڏهن آدم ڳڻپ جي منظوري ورتي وئي، ان وقت ان ۾ به نگران وڏا وزير شامل هئا. چو ته پنجاب ۽ پختونخوا ۾ نگران حڪومتون هيون. بلوچستان جي وڏي وزير کان منظوري ڪيئن ورتي وئي، ان جو انڪشاف پڻ سپريم ڪورٽ ۾ ٿي چڪو آهي. سپريم ڪورٽ جي معزز جسٽس جي پڇاڻي تي سينيئر وڪيل ڪامران مرتضيٰ عدالت کي ٻڌايو ته بلوچستان جو وڏو وزير عبدالقدوس بزنجو ستل هو، جنهن کي جهاز ۾ ڪٿي ويا ۽ ان کان اڳ بلوچستان جي وڏي وزير سي آءِ جي اجلاس ۾ نه وڃڻ جو اعلان ڪيو هو ۽ اها خبر ٿي وي چئنلن تي پڻ هلي چڪي هئي. آدم ڳڻپ جي انگن اکرن تي اعتراض سنڌ جي تڏهوڪي وڏي وزير پڻ ڪيو هو پر پوءِ انهن انگن اکرن کان به گهٽ انگن اکرن جي موصوف سي سي آءِ ۾ منظوري ڏيئي آيو.

هاڻي ته سپريم ڪورٽ جي ججن به پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو آهي ته سي سي آءِ جو معاملو پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ ڪٿي وڃي سگهجي ٿو. جيئن ته هن وقت قومي اسيمبلي موجود نه آهي، صوبن ۾ نگران حڪومتون آهن ۽ چونڊن ڪانپوءِ جڏهن قومي اسيمبلي وجود ۾ ايندي، تڏهن ٿي پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس گهرائي سگهبو پر تيستائين اليڪشن ۾ جيڪو گهٽ آبادي جاڻائڻ سبب سنڌ ۽ بلوچستان جو قومي اسيمبلي جي سيٽن جو نقصان ٿي چڪو، گهٽ نمائندگي ملي، ان جو تدارڪ ڪيئن ٿيندو؟

بقايا ***

اجان تائين مڪمل نه ٿي سگهيو آهي. بلوچستان جي شاگردن کي به ملڪ جي بهترين تعليمي ادارن ۾ پڙهڻ جو حق آهي، انهن ۾ ۽ اسان ۾ ڪجهه ته فرق آهي. هن وڏيڪ چيو ته پنهنجي ٻارن، دوستن ۽ مائٽن کي ٻڌايو ته ڪنهن بلوچستان جي خدمت ڪئي. جڏهن مان پهريون پيرو وزيراعظم بڻجي هئس تڏهن کان گوادر جو نالو ٻڌي رهيو آهيان. اسان چاهيون ٿا ته عوام کي بجلي جي بلن مان آزاد ڪرايون. اسان اهڙيون اسڪيمون آڻيندا سين جنهن سان عوام کي سولر پينل ڏئي سگهون. اسان جي ڪوشش هوندي ته سڄي ملڪ اندر شمسي توانائي ذريعي بجلي حاصل ڪريو عوام کي بجلي جي مهانگي بلن کان آزاد ڪرڻ چاهيون ٿا. اڳوئي وزيراعظم چيو ته ڪيڏانهن وئي اها تبديلي؟ عوام کي هاڻ انهن کان بچڻ گهرجي. ورڪر ڪنونشن کي خطاب ڪندي (ن) ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو ته واعدو آهي ته پنجاب جيان بلوچستان تي به ڏيان ڏيندا سين. نوجوان نسل ۾ وڏو جنون آهي، ٽن چئن سالن دوران بلوچستان جي حالت تبديل ٿي ويندي، سڀني تعليم بلوچستان جي ٻارن جوحق آهي انهي تائين سندن پهچ هجڻ گهرجي. برابري جو حق ڏنو ويندو تڏهن ٿي انهن جو مستقبل سنوري سگهي ٿو نواز ليگ جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ شهباز شريف، مريم نواز ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ عام چونڊن جي حوالي سان بلوچستان ۾ تيارين تي مشاورت ڪئي وئي. جڏهن ته صوبي ۾ پارٽي کي وڏيڪ مضبوط ۽ فعال ناهڻ جي حوالي سان به غور ڪيو ويو.

بقايا ***

02

ته اربن مارڪيٽ ۾ ڊالر 50 پئسا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 289 روپين 50 پئسن جو ٿي ويو آهي.

بقايا ***

03

فيض آباد ڌرڻي ڪيس ۾ عدالتي فيصلي تي عملدرآمد بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. اٽارني جنرل، شيخ رشيد جو وڪيل ۽ شيخ رشيد پاڻ عدالت ۾ پيش ٿيا. ٻڌڻي جي شروعات تي چيف جسٽس شيخ رشيد کان پڇاڻو ڪيو ته هن درخواست جو داخل ڪرائي؟ ان تي سندس وڪيل چيو ته ايجنسيون جي رپورٽ ۾ ڪجهه غلط فهميون هيون، جنهن تي نظرثاني ڪئي وئي. ان تي چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته پاڪستان مذاق ته ناهي، هن ملڪ کي مذاق ته بڻايو وڃي جيڪو دل چئي اهو ڪريو، پوري ملڪ کي نچايو ويو، پوءِ مٿان کان حڪم آيو ته نظرثاني واپس وٺ جو چئي چڏيو. نظرثاني داخل ڪرڻ تي ٽيڪ آهي پر 4 سالن کانپوءِ واپس وٺڻ عجيب آهي، عدالت شيخ رشيد جي نظرثاني درخواست واپس وٺڻ جي بنياد تي رد ڪري چڏي. چيف جسٽس چيو ته ججن سميت سمورن ماڻهو قابل آهن، اهڙو تاثر به موجود آهي ته سپريم ڪورٽ کي به ٻاهر کان ڪنٽرول ڪيو پيو وڃي. چيو وڃي ٿو ته فلائي ڪيس ۾ فلائو فيصلو ايندو، عدالت ۾ ڪير به سچ نٿو ڳالهائي ڪنهن جي چوڻ تي نظرثاني جي درخواست ڪئي وئي هئي. نفرت پکيڙڻ کانپوءِ ماڻهو پاڻ ٿي پوئتي هٽي ويندا آهن. رودِ بلاڪ ڪرڻ ۽ ملڪيتن کي ساڙڻ وارن کي هيرو چيو ويندو آهي، پهرين ڌرڻن جي حق ۾ بيان ڏنا ويا، هاڻي عدالت ۾ اچي چون ٿا ته ڪيس هلائڻ نٿا چاهيون. چيف جسٽس پڇاڻو ڪيو ته موقعو مليو ته ملڪ جي وڏيڪ خدمت ڪندو؟ جڏهن شيخ رشيد جواب ڏيڻ لاءِ روسٽرم طرف ويو ته چيف جسٽس ڪيس روڪيندي چيو ته اسان توهان سان ته پر توهان جي وڪيل ڳالهائي رهيا آهيون. جسٽس قاضي فائز چيو ته توهان پنهنجي عوام جي خدمت ڪندا يا گهر ۾ ويهي الله الله ڪندا؟ هتي ڪيس جو فيصلو به آهي. مان سمجهان ٿو ته اسان سڀ کان وڏيڪ قابل احتساب آهيون. هتي اهو به فيصلو ڪيو وڃي ٿو ته ڪهڙو ڪيس ٽئي ڪرڻو آهي ۽ ڪهڙي کي دٻائڻو آهي. هتي اهو طئي ٿيو ته اڄ درخواست آئي آهي ته سياڻپ مقرر ٿيڻي آهي. عدالتون هاڻي هن وانگر ته هلنديون. شيخ رشيد جي وڪيل چيو ته هاڻي سڀني عدالتن جو اهڙو حال آهي جنهن تي چيف جسٽس چيو ته هي مارچ 2018 جي ڳالهه آهي، فيصلن کان پهريان به فيصلا آهن؟ جيڪو سمجهو وڃي ٿو ته عدالتون ڪنٽرول هيون، هي ڪيس ان جي وڏي مثال آهي. خبر سڀني کي آهي ڪير ڪري رهيو هو پر ناٿو ڪٽڻ جي همت ڪنهن ۾ به ناهي. ملڪ جي دنيا ۾ بدنامي سامان ٻڌايو ويو. ملڪ جي دشمن ٻاهريان جا ناهن. ملڪ جي اندر ئي سڀ دشمن آهن. ان دوران جسٽس اطهر من الله چيو ته شيخ رشيد جو ناٿو آءِ ايس آءِ رپورٽ ۾ هو. شيخ رشيد پاڻ پارليامينٽرين هن آءِ ايس آءِ خلاف ڪارروائي چو نه ڪئي وئي؟ هوڏانهن اٽارني جنرل انڪوائري ڪميشن جو نوٽيفڪيشن سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي چڏيو ۽ چيو ته انڪوائري ڪميشن فيض آباد ڌرڻي جي سببن جي جاچ ڪندي، چيف جسٽس سوال ڪيو ته ان ۾ وزارت دفاع جو نمائندو چو شامل ناهي؟ حڪومتي ڪميشن يا ته اڪيلي ۾ ڏوڙ وجهڻ لاءِ آهي يا نئين تاريخ لکندي، اسان کي اميد آهي ته ڪميشن شفاف انڪوائري ڪندي، تي آواز ۾ هي چو ناهي ته ڪئين 9 نظرثاني درخواستون دائر ڪيون؟. عدالت وفاقي حڪومت کي انڪوائري ڪميشن جي ٽي او آرز ۾ اضافو ڪرڻ جو حڪم ڏئي چڏيو

بقايا ***

04

. ڪرنٽ ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي شهباز شريف چيو ته اسان کي ملي صوبي کي خوشحال بنائڻو آهي ۽ اسان کي ملي معاشي، معاشرتي مسئلن کي حل ڪرڻو آهي. نوازشريف طرفان بلوچستان جي ترقي لاءِ ڪيل ڪوششون قوم جي سامهون آهن. نوازشريف جي دور ۾ روڊن جو جال وڇايو ويو جڏهن ته گذريل حڪومت جي چئن سالن دوران تباهي ۽ بربادي ٿي. شهباز شريف چيو ته لشڪري رئيسائي کي مسلم ليگ(ن) ۾ شموليت جي دعوت ڏيڻ آيو آهيان. سندس شموليت سان پارٽي کي طاقت ملندي. سياسي اڳواڻ مسلم ليگ(ن) ۾ شموليت ڪري رهيا آهن بلوچستان جي سياسي پارٽين جي اڳواڻن سان به ملاقات ڪئي آهي. مان تمام گهڻو مطمئن آهيان. هن چيو ته سردار اياز صادق ۽ شيخ جعفر مندوخيل لشڪري رئيسائي سان گڏ ويهي معاملا حل ڪنداسين. بلوچ، پشتون ۽ هزارا ماڻهن جون صوبي ۾ وڏيون خدمتون آهن نوازشريف جي ڏاهڪن کان پختي سوچ آهي ته بلوچستان جا مسئلا حل ڪرڻ چاهيون ٿا. هن وڏيڪ چيو ته جنهن کي عوام وزيراعظم چونڊ ڪندو قوم ان کي قبول ڪندي بلاول ڀٽو ننڍي پاءُ جيان آهي. 16 مهينا گڏجي ڪم ڪيو آهي. مخلوط حڪومت جي مشاورت سان فيصلا ٿيڻا هئا. سڀني ڳالهه اها هئي ته فيصلن ۾ ديرٿي اسان کي پختي سياست طرف وڌو گهرجي. روچ پڪي ۽ الزامن سان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو مناسب اهو آهي ته اسان سموريا ويڄا ۽ غلطيون وساري عوام جي لاءِ ڪجهه ڪريون.

بقايا ***

05

. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، ملڪ ۾ في تولو سون 2 هزار ريپا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 2 لک 14 هزار 800 روپين جو ٿي ويو آهي. اهڙي ريت ڏهه گرام سون جي قيمت 714 ريپا واڌ ڪانپوءِ هڪ لک 84 هزار 156 ريپا آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون في اونس 23 ڊالر مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 1988 ڊالرز جو ٿي ويو آهي

بقايا ***

07

فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي سخت ڏي وٺ ٿي. آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 7 دهشتگرد مارجي ويا. جڏهن ته دهشتگردن جا لڪايا به تباهه ڪيا ويا. بيان موجب مارجي ويل دهشتگردن وٽان هٿيار، گولا ۽ بارود به هٿ آيو. دهشتگرد ٽانڪ ۽ پرپاسي پوليس جي تازي تارگيٽ ڪلنگ سميت دهشتگردي جي ڪيترين ئي کارروائين ۾ سرگرم هئا.

بقايا ***

08

آءِ ايم ايف وفد وچ ۾ ڳالهيون جو آخري ڏينهن آهي ۽ ذريعن جوان حوالي سان چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف مشن سان اقتصادي جائزي بابت ٽيندڙ ڳالهيون ڪاميابي جي ويجهو آهن. ذريعن موجب، آءِ ايم ايف مشن ۽ معاشي ٽيم سمورن شعبن ۾ ڳالهيون مڪمل ڪري چڪا آهن. نگران ناٿي واري وزير شمشا اختر آءِ ايم ايف مشن سان پاليسي سطح جون ڳالهيون مڪمل ڪيون. ذريعن جو چوڻ آهي ته اڄ آءِ ايم ايف وفد ۽ ماشي ٽيم ٻاران ايم اي ايف پي درافت تيار ڪرڻ جو امڪان آهي. ذريعن موجب، آءِ ايم ايف سان ٻئنڪن جي منافعي تي 55 ارب روپين تائين جو ونڊ فال ٽئڪس لڳائڻ تي اتفاق ٿيو آهي. آءِ ايم ايف شرط تي ٻئنڪن جي منافعي تي 40 سيڪڙو تائين ونڊ فال ٽئڪس لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب، ٻئنڪن جي منافعي تي ونڊ فال ٽئڪس مالي سال 2021ء 2022ع لاءِ لڳايو ويندو. ٻئنڪن جي منافعي تي ونڊ فال ٽئڪس لڳائي ايندڙ مهينيءَ اڳواڻي ڪئي ويندي. ناٿي واري وزارت جي ذريعن موجب، ٻئنڪن تي ونڊ فال ٽئڪس لڳائڻ لاءِ فنانس بل ۾ ترميم جي ضرورت نه آهي پر وفاقي ڪابينا جي منظوري ضروري آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڌرين وچ ۾ واڻ جي شرح وڌيڪ نه وڌائڻ تي اتفاق ٿي ويو آهي. آءِ ايم ايف مشن پنهنجي سفارشون آءِ ايم ايف ايگزيڪٽيو بورڊ ڏانهن اماڻيندو ۽ آءِ ايم ايف ايگزيڪٽيو بورڊ وٽان منظوري بعد پاڪستان کي 71 ڪروڙ ڊالرز جي قسط ڊسمبر ۾ ملڻ جو امڪان آهي.

بقايا ***

09

ڏي چڏي. اسلامي نظرياتي ڪائونسل چيو آهي ته عورت جي بنا محرم جي حج تي وڃڻ جي گنجائش ڪجهه شرطن سان مشروط آهي. اسلامي نظرياتي ڪائونسل حج واري وزارت جي پڇاڻي تي لکت جواب ۾ چيو آهي ته جنهن عورت کي سفر ۽ حج فساد يا خطري جو انديشو نه هجي ته محرم بنا حج لاءِ وڃي سگهي ٿي. ڪائونسل راءِ ڏني آهي ته فقہ جعفريہ. مالڪي ۽ شافعي موجب عورت بنا محرم بنا حج ڪري سگهي ٿي. فقہ جعفريہ. مالڪي ۽ شافعي موجب جنهن عورت کي اعتماد جوڳي عورتن جي رفاقت حاصل هجي ته حج تي وڃي سگهي ٿي پر عورت جا والدين موجود هجڻ يا شادي شده هجڻ جي صورت ۾ ان جي اجازت لازمي آهي. اسلامي نظرياتي ڪائونسل چيو ته فقہ حنفيہ ۽ فقہ حنبلي تحت محرم نه هجڻ تي عورت تي حج فرض ناهي.

بقايا ***

10

ڪارپوريشن اجلاس ۾ شرڪت جي لاءِ آمريڪا جي شهر سان فرانسڪو پهچي ويو آهي. جتي ڪيليفورنيا جي گورنر ۽ آمريڪي ناٿي واري وزير ڪيس پليڪارچيو چيني شهرين ايئرپورٽ کان هوٽل تائين قطار ناهي سندس آڇيان ڪئي. 6 سالن دوران چيني صدر جو اهو پهريون آمريڪا جو دورو آهي جتي صدر شي جن پنگ پنهنجي آمريڪي هم منصب صدر جوبائيڊن سان ملاقات ڪندو. چين ۽ آمريڪي صدر جي ملاقات ۾ اسرائيل فلسطين جنگ يوڪرين جنگ ۽ اقتصادي صورتحال تي ڳالهين جو امڪان آهي. آمريڪي ميڊيا موجب بالي ۾ هڪ نيشنل پارٽي جي صوبائي صدر ايمل ولي خان جي چيئرمين پي ٽي آءِ جي ناالهلي لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عبدالشڪور ۽ جسٽس سيد ارشد علي تي ٻڌل 2 رڪني بينچ ڪئي. ٻڌڻي دوران پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل قاضي انور ٻڌڻي ملتوي ڪرڻ جي درخواست داخل ڪئي جنهن تي عدالت وڌيڪ ٻڌڻي ملتوي ڪري چڏي. پي ٽي آءِ چيئرمين جي ناالهلي لاءِ داخل ڪيل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو اهي ته عمران خان نامزدگي ڪاغذن ۾ اثاثا لڪايا آهن ان ڪري ڪيس نااهل قرار ڏنو وڃي. عمران خان توشه خاني جا تحفا غيرقانوني طور تي وڪري ڪيا. داخل ڪيل درخواست موجب عمران خان پنهنجي گهر واري جا 70 لک روپين جا زيور نامزدگي ڪاغذن جي فارم ۾ به ظاهر نه ڪيا آهن. عمران خان نندين چونڊن دوران نامزدگي ڪاغذن جي فارم ۾ اثاثا لڪايا جيڪي اليڪشن ايڪٽ 2017 جي پڇڪڙي آهي. جنهن کان پوءِ عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل جي استدعا تي ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي ملتوي ڪري چڏي.

بقايا ***

12

. آءِ جي سنڌ مٽياري ۾ تعمير هيٺ پوليس لائن جي عمارت جو افتتاح ڪيو هو. چيو ته مٽياري ضلعي ۾ پوليس هيڊ ڪوارٽر،� سي هائوس ۽ ٻين سرڪاري هائوسز جي ضرورت آهي. سندس چوڻ هو ته امن امان سان جي بهترين ترجيح آهي، ڪجي جي ڏاڙيلن وٽ جديد هٿيار ناهن. اسان ڪنهن به افغاني سان زيادتي نه پيا ڪيون. ڪين عزت سان واپس موڪلي رهيا آهيون، ويزا تي آيل اسان جا مهمان آهن. بنا ڪاغذن وارا واپس وڃي رهيا آهن. آءِ. آءِ سنڌ صحافي جان محمد مهر جا قاتل هڪ هفتي ۾ گرفتار نه ٿيا ته پوليس ٽيم تبديل ڪنداسين. جڏهن ته مٽياري جي ڪجي ۾ زميني تڪرار ۽ رتوڇاڻ جي انڪوائري ٿيندي.

بقايا ***

13

ڏنن شاهدن موجب موٽر سائيڪل تي سوار نامعلوم ماڻهن پنجن چٽن تي فائرنگ ڪري فرار ٿي ويا. اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ايمبولينس کي طلب ڪري لاشن کي اسپتال منتقل ڪيو جتي فوت ٿي ويلن جي سڃاڻپ رائا افتخار، رجب، حافظ سنيان، بوٽا عرف فوجي ۽ قيصر شاهه جي نالن سان ٿي. سيٽلائيٽ پوليس موجب واقعو پراڻو دشمني تڪرار لڳي رهيو آهي. هوڏانهن آءِ جي پنجاب ڊاڪٽر عثمان انور آر پي او گوجرانوالا کان واقعي جي رپورٽ طلب ڪندي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ خصوصي ٽيمون جوڙڻ جو حڪم جاري ڪري چڏيو آهي. آءِ جي پنجاب هدايت ڏني آهي ته واقعي جي هر رخ کان جاچ ڪري جوابدارن کي جلد کان جلد گرفتار ڪيو وڃي. جڏهن ته مقتول جي وارثن سان رابطو جاري رکيو وڃي.

بقايا ***

14

واري واقعي جي جاچ ڪرائي وڃي. مرڪ جان جي والد ٻڌايو ته 5 وڳي کان نياڻي جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي پر ڊاڪٽرياڻي ته هڻڻ سبب اجان تائين پوسٽ مارٽم ناهي ٿيو. معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي. شروعاتي طور تي رابطو ڪرڻ تي مرڪ جان جي وارثن ۽ قومپرست اڳواڻن جو چوڻ آهي ته مرڪ بهادر چوڪري هئي اها خودڪشي نٿي ڪري سگهي. ڪيس قتل ڪيو وياآهي. جڏهن ته مرڪ جي والد چيو ته منهنجي ڌيءَ نيڪتري ۾ ڪر ڪندي هئي ۽ اڪيلي فليٽ ۾ رهندي هئي. جنهن جو اڄ فليٽ مان لاش هٿ آيو آهي اسان کي خدشو آهي ته ڪيس قتل ڪيو ويو آهي جنهن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي. ٻئي پاسي مرڪ جان جو جنهن فليٽ مان لاش هٿ آيو آهي اتي شيشا ۽ ٻيون به پڻ اهڙيون شيون هٿ ڪيون ويون آهن. پوليس چوڻ آهي ته پوسٽ مارٽم رپورٽ اڃڻ کان پوءِ ڪجهه چئي سگهجي ٿو. هن وقت مرڪ جان جو سول اسپتال حيدرآباد ۾ پوسٽ مارٽم ڪيو پيو وڃي. وڏي انگ ۾ قومپرست اڳواڻ ۽ مرڪ جا ويجها مائٽ پڻ سول اسپتال حيدرآباد ۾ پهتل آهن. جڏهن ته مرڪ جان جو لاش هٿ اڃڻ کان پوءِ قومپرست اڳواڻن ۾ ڏک جي لهرچاليل آهي.

بقايا ***

15

. اميرجماعت اسلامي ڪراچي چيو ته حماس ثابت ڪري چڏيو ته جنگون رڳو دولت ۽ ٽيڪنالاجي سان ته وڙهي سگهجن ٿيون.

بقايا ***

16

آزاد قوم جي عڪاسي نٿو ڪري. سپريم ڪورٽ پاران جاري ڪيل حڪم ۾ چيو ويو آهي ته ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ هڪ ڊي ايس پي لاءِ صاحب جو لفظ استعمال ڪي ويو. صاحب لفظ ڪنهن آزاد قوم جي عڪاسي نٿو ڪري. سرڪاري ملازم صاحب لفظ سان پاڻ کي احتساب کان مٿانهون تصور ڪن ٿا. چيف جسٽس جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ مردان ۽ 9 ورهين جي بارڙي جي قتل ڪيس جي جوابدار جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. سپريم ڪورٽ چيو ته ڊي ايس پي سان صاحب جو لفظ استعمال ڪيو ويو. سرڪاري ملازم صاحب جي لفظ ڪان پوءِ پاڻ کي احتساب کان مٿانهون سوچين ٿا. عدالت ناقص پوليس جاچ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته ناقص جاچ جي مثال ڏيڻ لاءِ هي بهترين ڪيس آهي. فيصلي جي ڪاپي آءِ جي خيبرپختونخواهه ايڊووڪيٽ جنرل ڏانهن اماڻي وڃي. جاچ آفيسر کان جاڻ وٺڻ تي چيف جسٽس ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته اوهان عدالت جي ڪمري کي پنهنجي آفيس سمجهي رکيو آهي؟ آفيس جا ڪر عدالت ۾ ڪرڻ غير سنجيدگي کي ظاهر ڪري ٿو. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ پڇاڻو ڪيو ته جوابدارن جي خلاف ڪهڙيون شاهديون آهن؟ ڊي ايس پي انويسٽيگيشن پشاور چيو ته پن گواهن جوابدارن سان گڏ بارڙي کي ويندي ڏٺو. چيف جسٽس چيو ته گواهه ته اوهان به 4 وڃي سگهو ٿا. شاهد ڪٿي آهن؟ ڊي ايس پي چيو ته منهنجي پنهنجي ڄاڻي جي ورڪشاپ تي ڪر ڪندو هو. چيف جسٽس چيو ته ڪوبه ڄاڻو پنهنجي پائٽي کي ٻڌي ڪنهن ماڻهو سان ڪيئن وڃڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿو؟ ورڪشاپ واري بارڙي جي گهر پاتين کي 16 ڏينهن کان پوءِ ڄو آگاهي ڏني. پوليس ورڪشاپ ملازمن جا بيان قلم ڪرڻ ته ڪيا؟ چيف جسٽس چيو ته سڀني کان وڌيڪ ناقص جاچ خيبرپختونخواهه پوليس جي آهي جنهن کان پوءِ سپريم ڪورٽ قتل ڪيس جي جوابدار جي ضمانت منظور ڪري ورتي.

بقايا ***

17

طورخر رستي پنهنجي وطن واپس وڃي چڪا آهن. انگن اکرن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته افغانستان ويندڙن ۾ 59 هزار 703 مرد، 46 هزار 687 عورتون ۽ هڪ لک 55 هزار 79 ٻار شامل آهن. اختيارين جو چوڻ آهي ته گذريل ڏينهن وڌيڪ 638 مرد، 587 عورتون ۽ هڪ هزار 95 ٻار تي ٻڌل 535 خاندان طورخر رستي افغانستا ويا.

بقايا ***

18

رائيٽ ٽوانفارميشن ايڪٽ 2016ع منظور ڪرائي چڪي آهي سيڪريٽري اطلاعات چيو ته معلومات تائين رسائي جي حق واري قانون سان معاملن ۾ شفافيت ۽ بهتري ايندي. هن چيو ته ان سلسلي ۾ آفيسر کي لاڳاپيل قانونن کان آگاهه ڪرڻ ۽ انهن قانونن تحت پنهنجا فرض سرانجام ڏيڻ لاءِ تربيتي سيشن منعقد ڪرڻ ۽ ان سيشن ۾ مختلف ڪاتن جي پبلڪ انفارميشن آفيسرن جي شرڪت هڪ مثبت عمل آهي. اهڙن خيالن جو اظهار اطلاعات سيڪريٽري سنڌ نديم ميمڻ اڄ ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ اطلاعات تائين رسائي جي قانون بابت منعقد ڪيل تربيتي ورڪشاپ کي خطاب ڪندي ڪيو. ورڪشاپ سنڌ انفارميشن ڪميشن پاران ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي سهڪار سان منعقد ڪيو ويو. تقريب ۾ مختلف سرڪاري ڪاتن جي پبلڪ انفارميشن آفيسرن ۽ انساني حقن جي تنظيمن سان لاڳاپيل عورتن ۽ مردن پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سنڌ انفارميشن ڪميشن جي چيف انفارميشن ڪمشنر ڊاڪٽر جاويد علي، انفارميشن ڪمشنر ايڊووڪيٽ صائمہ آغا، انفارميشن ڪمشنر شاهد عباس جتوئي، ڪراچي يونيورسٽي ڊپارٽمينٽ آف انٽرنيشنل ريليشنز جي اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر نوشين وصي، ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڪاشف علي، اڳوڻو وائيس چانسلر محمد علي جناح يونيورسٽي ڊاڪٽر محمد علي شيخ، ڊاڪٽر رضا گرديزي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا ***

19

سنڌ فوڊ اٿارٽي فدا حسين کوسو پڻ ٽيم سان گڏ هو. سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم اسٽنٽ ڪمشنر سان گڏجي ڪيترن ئي ڊيرن ۽ چانهه جي دڪانن جو معائنو ڪيو. ڪيرو ۽ ڊٽرجنٽ ملڻ تي ڪيرجي دڪانن تي ڏنڊ به لڳايو ويو. فلاح ڊيري تي 50 هزار، سومرو ملڪ شاپ تي 20 هزار ۽ عاليشان فوڊز تي 70 هزار روپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو. جڏهن ته خان بروسٽ تي 50 هزار روپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو ۽ بارچي خاني کي عارضي طور تي بند ڪيو ويو. سنڌ فوڊ اٿارٽي جو لائسنس نه هجڻ تي خان بروسٽ تي ڏنڊ به لڳايو ويو. سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم استنٽ ڪمشنر سان گڏ چانهه جي دڪان جو به معائنو ڪيو. معائني دوران انهن دڪانن تي چانهه جي پتي کي سٽيار ملي. ان کان علاوه ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخرحسين چيو آهي ته ڪاڊي پيتي جي شين ۾ ملاوٽ ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي ۽ ان ڪاروبار سان لاڳاپيل ماڻهن کي گهرجي ته هو سنڌ فوڊ اٿارٽي کان نه رڳو لائسنس وٺن پر صفائي ستراڻي جي ضابطن تي سختي سان عمل ڪن. ٻي صورت ۾ خلاف ورزي ڪندڙن خلاف سنڌ فوڊ اٿارٽي ايڪٽ تحت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا ***

20

پهتو آهي. انقرا ۾ جسٽس اينڊ ڊويلپمينٽ پارٽي جي اجلاس کي خطاب ڪندي ترڪ صدر جو چوڻ هو ته اسرائيل کي هٽيار، انٽيليجنسي رپورٽ ڏيندڙ به ان ڏوهه ۾ برابر جا ريڪ آهن. روز سوين ٻارڙا بمن سان مرن ٿا. يورپي يونين کان آمريڪا تائين سڀ خاموش ڇو آهن. هن چيو ته چارلي هيبڊو واقعي ۾ 23 مارجي ويا ته سڄي دنيا ماتهون پيرس مارچ ۾ شريڪ ٿيا. هاڻ غزا ۾ تقريبن 13 هزار ماڻهو مري چڪا آهن. ڪٿي آهن ملڪن جا سربراهہ ۽ وزيراعظم؟ رجب طيب اردگان اسرائيلي وزيراعظم کي مخاطب ڪندي چيو ته نيتن ياهو تو وٽ ايٽم بم آهن يا نه؟ ايترو طاقتور آهين ته اعلان ڪر. جيترا ايٽم بم ناهي و

بقايا سنڌيار 01

ظهير احمد سولنگي آپڪا ۽ ضلع گهوٽي جي صدر حبيب الله سومرو ڊسٽرڪٽ ايڊووڪيٽ آفيسر سجاول پهچي ڊسٽرڪٽ آفيسر عبدالوهاب عباسي، آپڪا ضلع سجاول جي صدر سلم ميمڻ، نازيه ميمڻ، عائشه پروين ۽ ٻين سان ميٽنگ ڪئي جنهن ۾ ملازمن جي مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ان موقعي تي آپڪا صوبائي چيئرمين لالا محمد پناه پٺاڻ ۽ ٻين چيو ته ڪافي ڏينهن کان ڊسٽرڪٽ ايڊووڪيٽ آفيس سجاول جي ملازمن جو پاڻ ۾ تڪرار هلندڙ هو جنهن جي حل لاءِ سجاول پهتا آهيون اسان ضلع آفيسر عبدالوهاب عباسي ۽ ٻين سان ميٽنگ ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي آفيسر عبدالوهاب عباسي ملازمن جي مسئلن جي حل لاءِ يقين ڏهاڻي ڪرائي ته ناراض ملازم جون شڪوا شڪايتون ختم ڪري مسئلن کي حل ڪندا سين.

بقايا سنڌيار 02

احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ مخدوم بلاول جو چوڻ آهي ته سڪر ايس ايس پي ب اغواڪارن سان ڳٺ جوڙ آهي ۽ آءِ وزيري قانون سنڌ کي عرض ٿا ڪريان ته هڪڙي جي آءِ ٽي ٽيم جوڙي جيءَ اها ٽيم اغواڪارن سان گڏ ايس ايس پي سڪر جي به انڪواري ڪري ۽ سڪر ايس ايس پي جي انڪواري کان بعد ۾ اغواڪارن جو ساٿاري نظر ايندي. علي اصغر منگريو جي والد ريلوي ڪاسٽيبل زاهد منگريو جو چوڻ آهي ته منهنجي پٽ جا مڪ جوابدار شڪارپور جا بااثر آهن وڏيرو سعيد' منظور منگريو' جنيد منگريو ۽ 'ڊي ايس پي خالد مگريو به ملوث آهي، ڪئمپ جي اڳواڻي ڪندڙ جو چوڻ آهي ته اسان جي مستقل جدوجهد ڪي اج ڏينهن رات 71 هون ڏينهن آهي پر حڪومت بلڪل خاموش ۽ تماشائي بڻيل آهي ۽ اسان سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کي عرض ٿا ڪريو ته اسان جو نوٽيس وٺي مغرين جي والدين کي پنهنجا پيارا بازياب ڪرائي ڏين ۽ انهن جي بي چيني ختم ڪرن

بقايا سنڌيار 03

الڪشن جي انتظامن جو جائزو ورتو . ان تي صوبائي الڪشن ڪمشنر ڪي ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو ۽ ضلعي الڪشن ڪمشنر دادو سيد شاهد علي رضوي ايندڙ جنرل الڪشن جي انتظامن جو پاڻ ۾ تڪرار هلندڙ هو جنهن جي حل لاءِ سجاول پهتا آهيون اسان ضلع آفيسر عبدالوهاب عباسي ۽ ٻين سان ميٽنگ ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي آفيسر عبدالوهاب عباسي ملازمن جي مسئلن جي حل لاءِ يقين ڏهاڻي ڪرائي ته ناراض ملازم جون شڪوا شڪايتون ختم ڪري مسئلن کي حل ڪندا سين.

بقايا سنڌيار 04

توڙي ڪارڪنن کي الڪشن مهم جي تيارين جي سلسلي ۾ سوشل ميڊيا جي سرگرميون تيز ڪرڻ بابت معلومات ڏني. پ ب سنڌ جي سوشل ڊجيٽل ميڊيا ڪنوينر نذير احمد پٺڻ چيو ته پارٽي جي نوجوان قيادت بلاول پٽو زرداري جو پيغام ڪٽي سجاول ضلع ۾ پهتا آهيون انشاالله هن ملڪ جو وزيراعظم چيئرمين بلاول پٽو زرداري ٿيندو انهي سلسلي ۾ ايندڙ الڪشن مهم جي سرگرمين کي تيز ڪرڻ لاءِ پارٽي سان لاڳاپيل نوجوان کي سوشل ميڊيا تي پ ب ميڊيا سيل جي ٽويٽر فيسبوڪ ۽ واٽس اپ کي فالو ۽ جوائن ڪن پارٽي سرگرمين کي سوشل ميڊيا تي وڌيڪ متعارف ڪرائڻ لاءِ پرپور مثبت ڪردار ادا ڪن. هن چيو ته ملڪ ۾ وڏي ۽ وڏي قرباني پٽو خاندان ۽ پارٽي ورڪرن ڏني آهي، بلاول پٽو زرداري جو چاهي ٿو ته سوشل ميڊيا ذريعي پارٽي ورڪرن سان رابطو رهي ته جيئن انهن جا لاڳيو مسئلا پڌري حل ٿي سگهن، انهي موقعي تي سابق ڊپٽي اسپيڪر ريحانه لغاري، هير سوهو، منظور رحيم پليجو، واحد پرهياڻ، نجيب سرويج، ذوالفقار علي جاڻديو، فردوس عزيز ميربحر، راجا رميز الدين زئرو، ڊاڪٽر هريش ڪمار، زاهد حسين ڪڏو، ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، غلام نبي ٿهيم، غني راهيمون ۽ پارٽي ڪارڪنن پوٽ ونگ، ليڊيز ونگ، هاري ڪميٽي، سياف جي شاگردن پڻ وڏي اڳ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 05

12 وڳي تائين مقرر ٿيل هو الڪشن بزم ادب ۾ حرا پبلڪ اسڪول جي شاگردن مختلف پينل جي اميدوارن کي ووٽ ڏنو ان موقعي تي اسڪول جي پرنسپل افضل وحيد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نصابي تعليم سان گڏ غير نصابي تعليم به شاگردن لاءِ وڏي اهميت رکيئي الڪشن جي طريقي ڪار بابت هر هڪ کي معلومات هجڻ ضروري آهي چاڪاڻ جو عام الڪشن هجي يا مڪاني هر هڪ پاڪستاني پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندو آهي ان لاءِ ووٽ جي استعمال بابت شاگردن کين به جاڻ هجڻ ضروري آهي الڪشن ۾ جيڪو به پينل ڪامياب ٿي هو شاگردن جا جائز مسئلا به حل ڪرائي سگهندا ۽ اسڪول انتظاميا سان ڳالهائي به سگهندا ۽ اهنهن ۾ قيادت جون صلاحيتون پيدا ٿيندين اسڪول پرنسپل ٻڌايو ته اسان جي اسڪول ۾ شاگردن کي پنج وقت نماز پڙهڻ سميت وضو ڪرڻ جو طريقو به سيکاريو ويندو جڏهن ته ٻين اسلامي فرضن بابت به جاڻ ڏني وڃيئي اسڪول ۾ موجود جمائت اسلامي سڪرسٽي جي حافظ زبير احمد شيخ جو چوڻ هو ته اسڪول انتظاميا پاران الڪشن جو انعقاد ڪرائڻ هڪ سٺو عمل آهي ان عمل سان هڪ ته شاگردن جي سلي تربيت ٿيندي ۽ ٻيو ته سلي قيادت به اڳتي ملندي شاگرد ملڪ جو مستقبل هوندا آهن سياڻي شاگردن کي ئي ملڪ جي قيادت ڪرڻي آهي هي هڪ غير معمولي سرگرمي آهي جنهن کي هر اسڪول ۾ ٽيئن ڏياڻي ناهي ڪرائي اهڙي صورتحال ۾ هتان جي ساڄاه وندن سماجي ادبي ۽ مذهبي جماعتن پاران سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ويو آهي ته جيڪڏهن تڪرڙي جوهڙ سجاول روڊ مڪمل نه ٿيو ته اسان جلد هڪ منظم تحريڪ جو آغاز ڪري جوهڙ سجاول روڊ بند ڪري احتجاج ڪنداسين هنن نگران سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته جوهڙ سجاول روڊ مڪمل ڪرائي ڏنو وڃي هي صورت ۾ روڊ بند ڪري سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 06

گوٺ محمد ابراهيم پوٽ جي پرائمري اسڪول جي بلڊنگ نه هجڻ ڪري سوين معصوم ٻارڙا کلي آسمان هيٺ ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور آهن ان ڏس ۾ شاگردن گوٺائن احتجاج ڪندي چيو ته گوٺ ابراهيم پوٽ ۾ پرائمري اسڪول جي بلڊنگ نه هجڻ ۽ فرنيچر نه هجڻ ڪري سوين ٻارڙا کلي آسمان هيٺ ويهي تعليم پرائي رهيا آهن هنن چيو ته ماضي ۾ ڏهه سال پيپلزپارٽي جي سنڌ ۾ ڪارڪردي اهيا آهي جو اسڪول جي عمارت ناهي نه ئي فرنيچر آهي جو شاگرد تعليم حاصل ڪري سگهن هنن چيو هن گوٺ جي اسڪول جي عمارت لاءِ وقتن اسان ڊي سي بدين سميت ڪافي اعلي عملدارن کي درخواستون ڏنيون پر عمل نٿو ٿيئي هنن چيو ته هن سردي ۾ ٻارڙا کلي آسمان ۽ هيٺ پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته نگران سنڌ حڪومت تعليم لاءِ ڪوشش وٺي رهي آهي اسان انهن کي اپيل ڪنداسين ته اسان جي گوٺ جي پرائمري اسڪول جي بلڊنگ پڪي منظور ڪرائي ڏني وڃي جيئن اسان جي گوٺ جا ٻارڙا تعليم حاصل ڪري پنهنجو مستقبل روشن ڪري سگهن

بقايا سنڌيار 07

ضلعي سڪرجي وڏي آبادي واري تعلقي پني عاقل ۾ ٻوڙ متاثرن کي ڏيڍ سال گذرڻ باوجود قسطون جاري نه ٿي سگهيون آهن تعلقي پني عاقل ۾ ٻوڙ سبب هزارين خانداڻ گهر ڊهي وڃڻ سبب بي گهر ٿي ويا آهن پر سنڌ سرڪار متاثرن کي اڃا ناهي ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي وئي خبر موجب پني عاقل تعلقي ۾ ٻوڙ سبب تباهه ٿيل گهرن وارو منصوبو ڏيڍ سال گذري وڃڻ باوجود رولڙي جو شڪار ٿي ويو آهي اندازن 2700 گهر ٻوڙ سبب تباهه ٿي ويا هئا پر سموري تعلقي جي ننڍن وڏن شهرن توڙي ڳوٺن ۾ هيڪڙو بيڪڙو متاثرن کي پهرين قسط جاري ٿي سگهي آهي جڏهن ته وڏي آبادي واري شهر ٽڪراڻو ۾ ٻوڙ متاثرن کي قسط جاري نه ٿي آهي جنهن سبب ٽڪراڻو شهر سميت پرياسي جي ڳوٺن ۾ متاثر سخت سي ۽ ڀو ڪليل آسمان هيٺ بي ياروممددگار ويٺل آهن جيڪي قسط جي اچڻ جا منتظر آهن تن جي مايوسي وڌي رهي آهي جان موجب تعلقي پني عاقل جي پن وڏين ۽ پوئتي پيل يوسين يونين ڪائونسل مبارڪپور ۽ يونين ڪائونسل روپهر جي سوين ڳوٺن ٽڪراڻو مبارڪپور روپهر ڳاڙهو ڏڙو پائي خان مهر بشير آباد منگي شاه محمد پٽي موچي ڏڙو سرنوارو عقل مهر ٽمي گهٽي باتي چوڪ ڦيسڙ آڏ لکو گاڪنائو يوسف سمون سميت ٻين ڳوٺن ۾ متاثرن کي سرڪار پاران اڃا تائين هڪ به قسط جاري نه ڪئي وئي آهي ٻوڙ متاثرن عبدالرشيد پٽي پير بخش سومرو نظير احمد مهر محمد موسا مهر فيض محمد عبدالرحمان مهر ولي محمد آصف علي مهتم بهادر سومرو الهڏايو مهتم حفيظ علي ڪوڙو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سرڪار پاران سروي بعد نالا لسٽن ۾ آيا هئا ۽ بينڪ اڪائونٽ ٺهرائي اين جي اوز جي آفيس ۾ جمع ڪرايا هئا ان کي تقريبن ڏيڍ سال گذري ويو آهي پر ان باوجود هڪ به قسط جاري نه ٿي آهي ٻوڙ متاثرن چيو ته هاڻ سخت سي ۽ اڃي ويو آهي ۽ اسان پنهنجن ٻارڙن سان گڏ ڪليل آسمان هيٺ ويٺل آهيون ٻوڙ متاثرن سنڌ سرڪار سميت ضلعي انتظاميا ۽ اين جي اوز اختيارين کان مطالبو ڪيو ته بنادير گهرن جون قسطون جاري ڪيون وڃن ته جيئن ڏڻ اجها ٻيهر تعمير ڪرائي درپيش پريشانين کان بچي سگهون.

بقايا سنڌيار 08

پڻ موجود هئا، ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ريسڪيو 1122 جي ايمبولينس جي فراهمي سان صحت جي شعبي ۾ بهتري ايندي ۽ مريضن کي بروقت اسپتال پهچائڻ ۾ مدد ملندي ۽ ايمبولينس ۾ طبي عملي ۽ ٻيون طبي سهولتون موجود هئڻ سبب مريضن کي صحت جي بهتر سهولت ملندي. هن ايمبولينس ۾ موجود سهولتن جو جائزو ورتو ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر کي ٻڌايو ويو ته اسپتال ۾ سينٽر لاءِ 2 ڪمرا مختص ڪيا ويا آهن جڏهن ته ايمبولينس سروس لاءِ اسپتال ۾ طبي عملو ۽ ٻيو ضروري طبي سامان آندو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 09

نشو واپرائڻ فوت ٿي ويو آهي نينگر جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ سندس گهر ۾ قهرام مچي ويو ان سلسلي ۾ علاقي واسين جو چوڻ آهي ته ڪنگري تعلقي ۾ منشيات جو وڪرو ڏينهون ڏينهن زور وٺندو پيو وڃي پر ان باوجود پوليس منٽلي عيوض ساٿاري بڻيل آهي جنهن ڪري معصوم ٻارڙن جون حياتيون داءُ ڳچل آهن ياد رهي ته تي ڏينهن اڳ ساڳئي پاڙي ۾ 14 ورهين جو شاگرد دانش شيخ پڻ نشو واپرائڻ سبب ٿي ويو هو جنهن ڪري فوتين انگ وڌي 2 ٿي ويو آهي.

بقايا سنڌيار 10

به جاري رهي ان موقعي تي پيرسن شخص ولي محمد پٽي سهيل پٽي سڪندر پٽي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وڏيري اختر پٽي ظلم جا پهاڙ ڪيرائي ڇڏيا آهن هٿياربند ويهاري سندن 80 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪرائي گهرن تي قبضا ڪرائي لنگر جارستا بند ڪري ڇڏيا آهن پر مانجهند پوليس حملي آور جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بدران سندن وڪالت پٽي ڪري هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته سائن انصاف ڪيو وڃي ڪيمپ تي سياسي سماجي شخصيتن سيد احمد شاهه علي ڏڻو ڪوسو ۽ ٻين پهچي يڪجهتي جو اظهار ڪيو

بقايا سنڌيار 11

ويو تعليمي آفيس جو اندريون حصو گند ڪچي ڊرپ جمڻ سبب نانگن جو ب خطرو پيدا ٿي ويو پارڪ لاءِ ۾ مخصوص ٽيل لکين روپيا ڪرپشن جي ورڇڻي ويا پارڪ بدران آفيس ۾ جهنگ بڻيل تعليم ڪاتو توڙي پلاننگ آفيسر ۽ ايجوڪيشن ورڪس ڊپارٽمينٽ جي ملي پڳڻ سان سرڪاري خزاني کي لکين روپين جو چونا تفصيل موجب : تعليم ڪاتي سڪر جي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن آفيس سڪر جي احاطي اندر آفيس جون اندريون حصي ۾ پيلو ٻنجي ويو ڊرپ جمي ويا جنهن ۾ نانگ توڙي زهريلا جيتن وڏا وڏا نورن ڏيرو جماءِ چڏيو آفيس اندر پارڪ ن لهڻ سبب خطرناڪ نانگ رهڻ جو مبينا انڪشاف منصوف ٽيل رقم لکين روپيا مرمتي ڪم توڙي پارڪ گيلري تي خرچ ٿيڻ بدران ڪرپشن جي ورڇڻي وءِ پارڪ ن لهڻ سبب آفيس عملوب نانگن جي خوف ۾ وردل آهي ايجوڪيشن ورڪس ڊپارٽمينٽ توڙي پلاننگ آفيسر ايجوڪيشن ۽ ڪامورن جي ملي پڳڻ سان آفيس اندران ڊرين وارو جهنگ ختم ٿي ن سگهيو پارڪ ۽ آفيس جو لوڻ اسٽاف مالهي. سوئيپر توڙي چ ۽ ڪيدار ب غائب آهن گهر ويٺي پڳهارون حاصل ڪرڻ لڳا آهن اهڙي معاملي جو ڪرپشن تي ڪم ڪندڙ ادارا شفاف جاچ ڪري ملوث عملي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 12

هڪ ڏر پاران ٻئي ڏر جا 6 جڻا هٿيارن سميت يرغمال ٻئي ڏريون مورچابند. ڊي ايس پي دوڙ حميد جلباڻي . ايس ايچ او سٽ ميل قربان ڪلوڙ وڏي نفري ۽ بڪتربند گاڏي سان ڪري يرغمال بڻايل ڇه جڻا پنهنجي حراست ۾ ورتا پنهي ڏرين کان مورچا خالي ڪرائي پڪٽ قائم ڪري ورتي

بقايا سنڌيار 13

ڪمپني نقلي ٽماٽر جو بيج وڪرو ڪري زميندارن کي لکي چڏيو ٽماٽر ٽيڻ سان ئي سڙي ويو زميندارن کي ڪروڙين روپين جو نقصان زميندارن تجمل خان فياض قمبراڻي ٻڌايو ته داستان ڪمپني جعلي ڪمپني آهي جيڪا 2 نمبر ٽماٽر جو بيج وڪڻي نقصان ڏئي رهي آهي هنن چيو ته نوٽيس ولي 2 نمبر ڪمپني خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 14

رپورٽ موجب پندرنهن ڏينهن اڳ راڻيپور ڦاٽڪ لڳ رسول بخش بروهي جي نوجوان احسان بروهي راڻيپور ريلوي اسٽيشن جي رهواسي مسڪان شيخ سان پيار جو پرٿو ڪيو هو جنهن تي چوڪري جي وارثن راڻيپور ٿاني تي اغوا جو ڪيس داخل ڪرايو هيو جڏهن ته فوني جي گهرواري مسمات در جان ٻيبي ميڊيا اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته ڪجه ڏينهن پهريان پوليس ۽ شيخ برادري سان ڪجهه ونگارو ماڻهو گذجي آيا هئا جن منهجي مڙس کي تشدد ڪري ٻي حوشي واري حالت ۾ گاڏي ۾ اڇلائي ڪڍي ويا جنهن بعد ڪيس گم ڪري ڪنهن گجهي هنڌ لڪائي ڇڏيو ڪجه ڏينهن ڪانپوءِ ڪي نامعلوم ماڻهون مرڻيڻ حالت ۾ گمس اسپتال فٽو ڪري فرار ٿي ويا جڏهن اسان پهتاسين ته سندس حالت ڳڻتي جوڳي هئي جيڪو ڪجه ڪلاڪن بعد فوت ٿي ويو آهي سندس جسم ۽ نازڪ عضوي تي تشدد ٽيل آهي جڏهن ته بروهي برادري جي سوين ماڻهن قومي شاهره بلاڪ ڪري ڏرٿو هنيون سندن مطالبو هيو ته راڻيپور پوليس ۽ شيخ برادري جي ماڻهن تي قتل جي ايف آءِ آر داخل ڪئي

بقايا سنڌيار 15

ملامن جي ڪم چڏ هڙتال سبب رستن تي پاڻي ٻيهي ويو رستن تي ڪچري جا ڍير صفائي نه ٿيڻ سبب مختلف بيمارين ڦهلجڻ لڳيون. مختيار ڪار عزيز جوڻيجو ڊپٽي ڪمشنر جو ميسيج ڪٽي ملازمن وٽ ڏرٿو ختم ڪرڻ لاءِ پهتو ڊي سي جو ميسيج ڏنو شه پڏي ٿو صفائي ڪيو بک هڙتال ختم ڪيو. ڊي سي ٻن ڏينهن جي محنت ورتي اٽ ڏينهن گذري ويا اجا پڪهارن ملي پلي شهر پڏي ڪجهه به ٿئي احتجاج ختم نه ڪندا سين ملازمن پاران مختيارڪار کي اهو ڪجي جواب ڏئي چڏيو. صدر مولا بخش شيخ، نويد تڳر ڪشن راجا، امجد تڳر، ٻن ڏينهن ۾ پڳهار نه ملي اسان نيشنل هاءِ وي بند ڪنداسين پنهنو پاڻ تي گاسليٽ هاري آپگهات ڪنداسين زميوادي سي ۽ ٽي ايم هوندا. ملازم.

بقايا سنڌيار 16

ڪري ويو سندس جنازي نماز ۾ علاقي جي سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن صحافين توڙي برادريءَ جي ماڻهن وڏي اٽڪ ۾ شرڪت ڪئي بعد ۾ ڪيس ابائي قبرستان ۾ متيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي، ٻئي طرف مرحوم جي پوئٽرن رئيس تراب خان شر ۽ ٻين سان گوٺ بلوچ آباد ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

بقايا سنڌيار 17

ايم ايس سول اسپتال نوشهرو فيروز خادم حسين مگريو ڪئي آيل مهمانن جي مان ۾ آجپائي تقرير ڪندي خير محمد سهتو چيو ته ڊاڪٽر بدرالدين ابڙو DMS ٿيڻ تي اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي اسان سوچيو ته بهترين پوسٽ ملي آهي چونه ان جي عزت بخشير اسان خادم حسين مگريو صاحب جا به شڪرگذار آهيو جنهن پروگرام ۾ شريڪ ٿي مان مٿاهين ڪيو صدارتي خطاب ۾ خادم حسين مگريو چيو ته جس ٽهڻن آل سنڌ پيپلز پيرامڊيڪل اسٽاف وارا جيڪي ڊاڪٽرن کي عزت ڏين ٿا انشاالله سپ گڏجي سڌجي اسپتال ۾ بهترين سڌارو آڻيندا سين اميد آهي ڊاڪٽر بدرالدين ابڙو وڏ ۾ وڏ سول اسپتال جي پلي لاءِ ڪم ڪندو ۽ غريب مريضن جي خدمت ڪندو A M سعيد احمد جلباڻي چيو ته هي آجپائو ڊاڪٽرن لاءِ اعزاز آهي اچو ته سپ گڏجي اسپتال جي پلي لاءِ ڪم ڪريو. ان موقعي تي حفيظ راجپر ۽ امير بخش تڳر ب آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو سپين آيل مهمانن کي سنڌي اجرڪ ۽ ٽوپين جا تحفا ڏنا

بقايا سنڌيار 18

جو سمورو داروممدار جامع مائڪرو پلان تي آهي گذريل پوليو مهم دوران پوليس پاران چيڪ پوسٽن تي غير ذميداري ۽ پوليو ٽيمن سان گڏ فيلڊ ۾ نه وڃڻ جو ڊپٽي ڪمشنر نوٽيس ولندي پوليس عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو قومي مهم ۾ صحت ڪاتي جو ساٿ ڏين هن سوشل ويلفيئر ڪاتي کي هدايت ڪئي ته هو سماجي تنظيمن سان گڏجي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال ۾ تعلقا هيڊڪوارٽرن ۾ پوليو متعلق آگاهي ڏيڻ لاءِ سيمينار ڪرائن ۽ تعليم ڪاتو پوليو بابت آگاهي ڏيڻ لاءِ اسڪولن ۽ ٽيبلوز ذريعي آگاهي ڏين هن چيو ته پوليو مهم جي نگرانيءَ ڪرڻ لاءِ سمورا اسسٽنٽ ڪمشنرز، ڊي ايچ او ۽ هوباڻ به پنهنجي ٽيم سان گڏ فيلڊ ۾ موجود رهندو گڏجاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهيرالدين ميمڻ، اين ساٿ آفيسر ڊاڪٽر منظور ميمڻ، اي پي آئي فوڪل پرسن ڊاڪٽر ثناالله، ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايچ آئي بدين اي رٽائرڊ ميجر ڊاڪٽر مير حسن جمالي، ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايچ آئي بدين ٻي رضيه اُجڻ ڊاڪٽر رحنيش ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 19

ڊاڪٽر مظفر علي عيساڻي، ڊاڪٽر نجيب شاه بخاري، ايڊووڪيٽ سيد محمد علي شاه ۽ ٻين جو چوڻ هو ته مفت ۾ ايم آر آءِ جي سهولت شڪارپور اسپتال ۾ عيساڻي فيملي پاران بهترين تحفو آهي، جنهن تي جيجي زينت عيساڻي صاحبه کي سلام پيش ڪجي ٿو هنن جو چوڻ هو ته مفت ايم آر آءِ جي سهولت ماڻ سکر ۽ لاڙڪاڻو ريجن جي مريضن کي تمام گهڻو فائدو حاصل ٿيندو، ٻئي طرف شهرين جو چوڻ هو ته ايم آر آءِ ٽيسٽ تي هزارين روپيا خرچ ڪندڙ غريب ۽ مسڪين لاءِ هي هڪ بهترين تحفو آهي جيڪو مفت ۾ حاصل ٿيندو، ان موقعي تي شهرين پاران ڊاڪٽر زينت عيساڻي انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس جو شڪريو ادا ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 20

ايوب جان سرهندي جي صدارت ۾ عيدگاهه ساماروءَ ۾ حافظ محمد عامر آرائين جي انتظامات ۾ عظيم الشان يارسول الله ص ڪانفرنس ۽ عرس مبارڪ پير آغا محمد ڀاڻ ابراهيم جان سرهندي رح پجلسو منعقد ڪيو ويو شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ٿي نعت خوانن نعتون پڙهيون خصوصي خطاب مفتي محمد ثمر عباس رضوي قادري ڪيو غوث پاڪ رح جي زندگي تي روشني وڌي، هنن وڌيڪ بيان ڪندي چيو ته قرآن پاڪ ۾ الله پاڪ ولين سان محبت ڪرڻ جو درس ڏنو آهي اسان کي به ڪرڻي آهي پنهنجي والدين کي ته ستايو انهن جي خدمت ڪريو سچ ڳالهائڻ جي عادت ڪاريو ، پير آغا محمد ايوب جان سرهندي مختصر خطاب بعد پوري مسلم امه جي لاءِ دعائون گهريون خصوصي طورتي فلسطين جي مسلمانن لاءِ دعائون گهريون ان موقعي تي لنگر جو خاص انتظام ڪيو ويو هو سڪيورٽي جا انتظامات سخت ڪيا ويا هئا مهمانن ۾ يوسي چئرمين وڏيرو وقار ذوالفقار خاصخيلي. پير عباد جان سرهندي ، مختيار آرائين قاري عبدالرئوف سعيدي ، حافظ سعيد بروهي ۽ خليفو محمد سليم بروهي سميت عوام وڏي اڳ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 21

جو شڪ ڏيکاري چڏيو ميڊيا کي ٻڌايو ت سندس نياڻي مرڪ جان خودڪشي نٿي ڪري سگهي ڪيس قتل ڪيو ويو آهي، جانچ ڪرائي وڃي.

بقايا سنڌيار 22

چڏي ٿي ايس ايس پي سڪر عرفان سمون ڦر ٽيل موٽرسائيڪل ۽ رقم واپس ڪرائي ڏياري مطالبو خبر موجب ٽڪراڻو پرسان گوٺ يعقوب راجڙ ۾ راجڙ برادري جي ماڻهن ڦرٽيل موٽرسائيڪل ۽ هڪ لک روپيا رقم واپس نه ٿيڻ تي سنگرار پوليس خلاف احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙن رحمت الله راجڙ يعقوب راجڙ شهزاد راجڙ بخشل راجڙ ۽ ٻين دانهيندي چيو ته هفتو اڳ سنگرار ٿاني جي حد جانب واهه پوليس پڪٽ وٽان نامعلوم ڦورو رحمت الله راجڙ ۽ عبدالرزاق ڏاريجو کان سي ڊي موٽرسائيڪل هڪ لک روپيا روڪ رقم سميت موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا جنهن جي رپورٽ سنگرار ٿاني تي داخل هئڻ باوجود پوليس روزانو ڦرٽيل موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم واپس ڪرائڻ جا دلاسا ڏئي رهي آهي ٿاني جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون پر ڪوبه انصاف نه پيو ملي احتجاج ڪندڙن ڊي آءِ جي سڪر ۽ ايس ايس پي سڪر کان مطالبو ڪيو ته ڦرٽيل موٽرسائيڪل هڪ لک روپيا رقم سميت موبائيل فون ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي انصاف ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 23

جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد سميت وسوارن کي ضلعي جي واهر ڪرڻ جي اپيل تفصيل موجب ضلعو نوشهروفيروز جيڪو گذريل وقت ۾ ساهتي پرڳٽي ۽ امن امان واري ضلعي جي نالي سان سڌيو ويندو هيو جنهن جي اج واري صورتحال ڏسي ڪري انتهائي افسوس ٿئي ٿو ته جنهن ڏينهن کان ايس ايس پي نوشهروفيروز عابد بلوچ چارج سنڀالي آهي تنهن ڏينهن کان نوشهروفيروز ضلعي مان امن جو پڪي مڪمل اڏامي ويو آهي ۽ ضلعي جي پنجن تعلقن مورو، نوشهروفيروز، پريا، ڪنڊياڻو، محراب پور ۽ پين ننڍن وڏن شهرن توڙي ڳوٺن مان اهو ڏينهن خالي نه آهي جنهن ڏينهن موٽرسائيڪلن ۽ موبائل فونن جي ڦر شاهي بازارن جي دڪانن جا تالا توڙي لکين روپيا ڪيش ۽ سامان جون چوريون پاڻين جي واٽن مان چوپائي مال جون چوريون چرس آفيم هيروئن اٿيس پائوڊر زبيد 21 سوپارين ڪجو شراب ڪڪڙن جون ميلون ڪرڪيٽ راند جو فينسي آڪڙا پرچي جوا ۽ فحاش جي اڈن سميت هر ڏوه ڏوهارين کي ڪرڻ جي ڪلي چوٽ ڏئي هر ڪڏي ڪم ڪرڻ جون منٽليون اوڳاڙڻ لاءِ ايس ايس پي عابد بلوچ پوليس جي هڪ خاص ٽيم مقرر ڪئي آهي جيڪا هر سب ڊويزن مان الڳ الڳ منٽليون وٺڻ ۾ رڌل رهي ٿي جڏهن ته ضلعي جو عوام انتها درجي بدامني سبب روزانو روز ڦرجي ۽ لٽجي رهيو آهي سرعام منشيات جي وڪري سبب نوجوان نسل تيزي سان تباهه ٿي رهيو آهي پر افسوس جو ايس ايس پي عابد بلوچ رشوت عيوض ضلعو ڏوهارين حوالي ڪري نوشهروفيروز ضلعي جي عوام سان وساه گهاتي ڪري رهيو آهي نوشهروفيروز ضلعي جي عوام هٿ ٻڌندي نگران وزيراعلي سنڌ رٽائرڊ جسٽس مقبول باقر انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ رفعت مختار ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد پرويز احمد چانڊيو ۽ ٻين وسوارن ادارن کي اپيل ٿي ڪري ته ڪريٽ ۽ رشوت خور ايس ايس پي عابد بلوچ کي فوري طور تي هٽائي ضلعي ۾ ايماندار ايس ايس پي مقرر ڪري ضلعي مان اڏامي ويل امن جو پڪي واپس وراڻي ڏنو وڃي ته ٻي صورت ۾ مجبورن روڊ رستا بند ڪري احتجاج ۽ ڌرڻا هنيا ويندا

بقايا سنڌيار 24

ڊوڙ حميد جلباڻي . ايس ايچ او سٽ ميل قربان ڪلوڙ وڏي نفري ۽ بڪتربند گاڏي سان ڪري يرغمال بڻايل ڇه جڻا پنهنجي حراست ۾ ورتا پنهي ڏرين کان مورچا خالي ڪرائي پڪٽ قائم ڪري ورتي

بقايا سنڌيار 25

روڊ جي ڦٽپائن جي صفائي وارو ڪم پنهنجي نگراني ۾ شروع ڪرايو آهي جديد مشينري جي مدد سان ڦٽپائن تان گند ڪچرو هٽائي زمين جي ليول ڪئي پٽي وجي ان سلسلي ۾ جماعت اسلامي يونين ڪائونسل 2 جي چيئرمين جمشيد علي ملڪ. ۽ وائس چيئرمين سڪندر علي بلوچ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان ماحول کي صاف سٿرو رکڻ لاءِ ڦٽپائن تان گندگي هٽائي گرين بيلٽ لڳائي رهيا آهيون ته جيئن سرسبز ماحول پئدا ٿئي سندن چوڻ هو ته ڦٽپائن تي گل ٻوٽا پوکيا ويندا جنهن سان آلودگي ختم ٿيندي هنن چيو ته دڪانداران ۽ علاقي واسين ڦٽپائن کي ڪچرا ڪنڊي ٻاهر ڦٽپائن تي ڦري پرهاڻ کين اپيل آهي ته اٿڏنه اهڙو عمل نه ڪن صحتمند ماحول ناهڻ ۾ اسان جو ساٿ ڏين سندن وڏيڪ چوڻ هو ته علاقي جي معزز شخصيتن جي تعاون سان ڦٽپائن تي گرين بيلٽ قائم ڪرڻ وارو ڪم جاري آهي محدود فنڊز هجڻ باوجود اسان جي ڪوشش آهي ته بنا ڪنهن فرق جي جي عوامي جا بلدياتي مسئلا حل ڪيا وڃن.

بقايا سنڌيار 26

عمر جي هر بار کي ڦڙا پيارين. هُن چيو ته پوليو ٽيمن جي 100 سيڪڙو نگراني ۽ برادرين سان رابطي کي يقيني بڻايو وڃي. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته معصوم ٻارڙا مستقبل جا معمار آهن ڪين پوليوجهڙي موذي مرض کان بچائڻ لاءِ صحت ڪاتي سميت سمورن لاڳاپيل ادارن کي پنهنجو پرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هن صحت ڪاتي ۽ ٻين سمورن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته پوليو مهم ۾ يوسي سيڪريٽريز ۽ مقامي اين جي اوز جي نمائندن کي پڻ شامل ڪيو وڃي ته جيئن پوليوٽيمن جي گهر گهر موجودگي کي يقيني بڻائي سگهجي. هن عوام خاص ڪري والدين کي اپيل ڪئي ته هو سندن علاقن ۾ ايندڙ پوليو ٽيمن سان سهڪار ڪندي پنهنجي 5 سالن تائين عمر جي هر ٻار کي پوليو جا ڦڙا پيارين ته جيئن انهن کي هن خطرناڪ موذي مرض کان بچائي سگهجي. هُن پوليس عملدارن کي هدايت ڪئي ته ٽرانزٽ پوائنٽس تي مسافر ڪاڏين کي ڪجهه منٽ